REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 07 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 22 جمادي الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 191

ٿڌي موسم ۾ سياسي گرما گرمي وڌي وئي: نوازشريف جي 15 سالن کان پوءِ چوڌري شجاعت سان ملاقات

نوازشريف سان گڏ شهبازشريف، مريم نواز، راڻا ثناءالله، سعد رفيق، سردار اياز صادق ۽ اعظم نذير تارڙ سميت پارٽي جا ٻيا اڳواڻ به ملاقات ۾ شريڪ ٿيا

نوازشريف ۽ ليگي اڳواڻن جي پهچڻ تي مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻن سندن پرجوش استقبال ڪيو، مسلم ليگ(ق) طرفان سالڪ حسين، شافع حسين، طارق بشير چيمه ۽ امتياز رانجها به شريڪ ٿيا

نوازشريف مسلم ليگ(ق) جي سربراهه شجاعت حسين جي خيريت پڇا ڪئي، چوڌري شجاعت حسين نوازشريف جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو، مسلم ليگ(ن) ۽ مسلم ليگ(ق) جي قيادت ايندڙ عام چونڊن ۾ گڏيل تعاون تي به ڳالهيون ڪيون

سيٽن تي اسان جا ماڻهو ڪٽيا هئا نه صرف اهي اسان کي ڏنيون وڃن پر گجرات، سيالڪوٽ، منڊي بهاءالدين ۽ حافظ آباد ۾ به سيٽون ڏنيون وڃن: چوڌري شجاعت جو مطالبو

(ن) ليگ ۽ (ق) ليگ وچ ۾ پنجاب اسيمبلي جي 4 ۽ قومي اسيمبلي جي 2 سيٽن تي مشاورت مڪمل ٿي چڪي آهي، (ن) ليگ طارق بشير چيمه جي مقابلي ۾ ڪو به اميدوار نه بيهاريندي: ذريعا

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ(ن) جو اڳواڻ ميان نوازشريف مسلم ليگ(ق) جي سربراهه چوڌري شجاعت حسين سان 15 سالن کان پوءِ ملاقات ڪئي آهي. نواز شريف اڄ چوڌري شجاعت حسين سان ملاقات لاءِ سندس رهائشگاهه ظهور الاهي روڊ پهتوجتي پنهي اڳواڻن وچ ۾ ملاقات 40 منٽن تائين جاري رهي، نوازشريف سان گڏ شهبازشريف، مريم نواز، راڻا ثناءالله، سعد رفيق، سردار اياز صادق ۽ اعظم نذير تارڙ سميت پارٽي جا ٻيا اڳواڻ به ملاقات ۾ شريڪ ٿيا، نوازشريف ۽ ليگي اڳواڻن جي پهچڻ تي مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻن سندن پرجوش استقبال ڪيو مسلم ليگ(ق) طرفان سالڪ حسين، شافع حسين، طارق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: نوازشريف جي 15 سالن کان پوءِ چوڌري شجاعت سان ملاقات ڪري رهيو آهي

9مئي ڪانپوءِ رياستي ڏاڍ جو ڪو ثبوت سامهون ناهي آيو اهو رڳو الزام آهي، نگران حڪومت قومي معيشت بهتر بڻائڻ جي لاءِ محدود مينڊيٽ ۾ رهندي جيڪو ممڪن آهي، ڪري رهي آهي

عام چونڊون 8 فيبروري تي ٿيڻ تي ڪو شڪ نه هجڻ گهرجي: انوارالحق ڪاڪڙ

اسان چونڊون منعقد ڪرڻ جي لاءِ اليڪشن ڪميشن سان گڏ آهيون، ماڻهو مختلف سياسي تجزيا پيش ڪندا رهندا آهن. ڪنهن اڳواڻ جي مقبوليت ڪيتري آهي ان جو اندازو عام چونڊن ۾ ٿي ويندو

اڃا تائين عمران خان تي ڪا پابندي نه آهي، مستقبل ۾ ڪهڙي صورتحال هوندي ان بابت هو هينئر ڪجهه نٿو چئي سگهي، في الحال اڳوڻو وزيراعظم چونڊون وڙهڻ جي پوزيشن ۾ آهي

9 مئي تي رياستي ادارن تي حملا ٿيا جنهن ڪانپوءِ ڪيترائي ماڻهو روپوش ٿي ويا، ان روپوشي دوران ڪنهن غور فڪر جي نتيجي ۾ پي ٽي آئي يا سياست ڇڏي ڏيڻ، انهن ماڻهن جو ذاتي فيصلو آهي

رياستي ادارن تي 9 مئي جي رياستي ڏاڍ جو ڪو ثبوت سامهون ناهي آيو، نه ئي ڪنهن رياستي ڏاڍ جي ڳالهه ڪئي، اهو رڳو الزامن جي حد تائين آهي، حڪومتون ڪاروبار ناهن هلائينديون

پي آئي اي جي نجڪاري جي پٺيان مخصوص عنصرن واريون ڳالهيون سازشي مفروضا آهن جن جي ڪري ملڪ هن حالت تائين پهتو آهي، نجڪاري جي لاءِ ماهر صلاحڪار مقرر ٿيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته 8 فيبروري تي عام چونڊون منعقد ٿيڻ تي ڪو شڪ نه هجڻ گهرجي، 9 مئي ڪانپوءِ رياستي ڏاڍ جو ڪو ثبوت سامهون ناهي آيو اهو رڳو الزام آهي، نگران حڪومت قومي معيشت بهتر بڻائڻ جي لاءِ محدود مينڊيٽ ۾ رهندي جيڪو ممڪن آهي، ڪري رهي آهي، باقي ڪم ايندڙ حڪومت ڪندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ميڊيا کي ڏنل خصوصي انٽرويو ۾ ڪيو. چونڊن بابت هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته مون کي يقين آهي ته 8 فيبروري تي ملڪ ۾ عام چونڊون ٿينديون، ان حوالي سان قوم کي ڪو شڪ نه هجڻ گهرجي. نگران وزيراعظم اميد جو اظهار ڪيو ته ايندڙ عام چونڊون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

مولانا فضل الرحمان جي پرامن چونڊ ماحول واري مطالبي تي پيپلز پارٽي جي تنقيد

عوام ۽ عدالت جي فيصلي کان ڊنل ماڻهو چونڊون نٿا چاهين: فيصل ڪريم ڪنڊي

خيبرپختونخواهه ۾ مولانا جي حڪومت آهي خبر ناهي ڪيس ڪهڙو سازگار ماحول گهرجي؟

2007 ۾ اڳوڻي وزيراعظم بينظيرڀٽو جي قتل کان پوءِ به پيپلز پارٽي چونڊن ۾ دير جي مخالفت ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) پيپلزپارٽي جي سيڪريٽري اطلاعات فيصل ڪريم ڪنڊي مولانا فضل الرحمان تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته عوام ۽ عدالت جي فيصلي کان ڊنل ماڻهو چونڊون نٿا چاهين فيصل ڪريم ڪنڊي خيبرپختونخواهه جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي عدالتي قتل قرار ڏيڻ جو ريفرنس ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪرڻ جو فيصلو

ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي بابت صدارتي ريفرنس ايندڙ هفتي ٻڌڻي لاءِ مقرر ٿيڻ جو امڪان آهي: ذريعا

ذوالفقار علي ڀٽو بابت صدارتي ريفرنس جي ٻڌڻي لارجر بينچ ڪندو

صدارتي ريفرنس جي ٻڌڻي چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ ٿيندي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي کي عدالتي قتل قرار ڏيڻ جو صدارتي ريفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ٽرائيل 2 سالن تائين مڪمل نه ٿيو ته جوابدار ضمانت جو حقدار آهي: سپريم ڪورٽ

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته ٽرائيل 2 سالن تائين مڪمل نه ٿيو ته جوابدار ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري شرڪاء سان خطاب ڪري رهيو آهي

نوازشريف کي سزا ڏيندڙ جج گهرائي معافي گهري هئي: راڻا ثناءالله

سياستدان جا ٻار جيڪڏهن سياست ۾ دلچسپي وٺن ٿا ته ان ۾ تعجب جي ڪهڙي ڳالهه آهي

جڏهن هڪ ڊاڪٽر جو پٽ ڊاڪٽر ۽ هڪ انجنيئر جو پٽ انجنيئر بڻجي سگهي ٿو ته سياستدان جو پٽ سياست ۾ ڇو نٿو حصو وٺي سگهي

اسان کي صرف ٽڪيٽ جاري ڪرڻي آهي، کٽڻ جو فيصلو ته تڪ جي عوام کي ڪرڻو آهي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته نوازشريف کي سزا ڏيندڙ جج گهر اچي معافي گهري، جج کي اهڙي فيصلي تي نوڪري تان هٽايو ويو پر نوازشريف کي ڏنل سزا بحال رکي وئي، نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي راڻا ثناءالله چيو ته نارووال ۾ پارٽي ميمبرن جي ناراضگي هڪ تڪ جي ڪري آهي، جڏهن هڪ ٽڪيٽ تي 13_13 اميدوار هوندا ته پوءِ ٻنديون وڏيون ناراضگيون يا احتجاج ته ٿيندا پر پارلياماني بورڊ ميرٽ تي تڪ ۾ ٽڪيٽ جو فيصلو ڪندو ته معاملو پاڻمرادو حل ٿي ويندو، سياستدانن جي ٻارن کي ٽڪيٽ ڏيڻ تي راڻا ثناءالله چيو ته سياستدان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: مسلم ليگ(ن) جو مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻو گهرو وزير راڻا ثناءالله ميڊيا سان ڳالهائيندي

جسٽس مظاهر نقوي جسٽس اعجازالاحسن کي جوڊيشل ڪائونسل کان ڌار ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي

جسٽس مظاهر اڪبر ايڊووڪيٽ ميان دائود ذريعي سپريم ڪورٽ ۾ آئيني درخواست داخل ڪئي

وفاقي حڪومت ۽ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي سيڪريٽري کي ڌر بڻايو ويو

درخواست سان گڏ اڳوڻي سي سي پي او غلام محمد ڊوگر جي ڪيس جي آرڊر شيٽ به لڳائي وئي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي جسٽس مظاهر نقوي پنهنجي خلاف داخل شڪايت جي معاملي تي جسٽس اعجازالاحسن کي سپريم جوڊيشل ڪائونسل کان ڌار ڪرڻ جي لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. جسٽس مظاهر اڪبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن سنڌ ٽيڪس وصول جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا

ٽيڪس وصولي جي هي تفصيل موجوده مالي سال جولاءِ 2023 کان نومبر 2023 تائين جا آهن: اورنگزيب پنهور

نومبر تائين مجموعي طور تي 58912.732 ملين رپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن سنڌ اورنگزيب پنهور ٽيڪس وصول جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا، ٽيڪس وصولي جي هي تفصيل موجوده مالي سال جولاءِ 2023 کان نومبر 2023 تائين جا آهن. ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مسلم ليگ ن جا اهم سياستدان رابطي ۾ آهن: عاجز ڌامراهه

اڄڪلهه پيپلزپارٽي سڀ کان وڌيڪ سرگرم نظر اچي رهي آهي، ٻيون پارٽيون اتحادين کي ڳولي رهيون آهن

روهڙيءَ جا جشن ملهائي رهيون آهن، ڪجهه ماڻهو تڪ بندين کي بهانو بڻائي اليڪشن کان ڀڄڻ جي تياري ڪري رهيا آهن

شهري علائقن جا باشعور ماڻهو سمجهي ويا آهن، پنهنجي ناڪامي لڪائڻ لاءِ پيپلزپارٽي تي الزام نه لڳايو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ اعظم ڌامراهه جوچوڻ آهي ته مسلم ليگ ن جا ڪيترائي سياستدان اسان سان رابطي ۾ آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه صوبائي وزير تعليم ڊاڪٽر رعنا حسين سان سندس آفيس ۾ ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي وزير اطلاعات، اقليتي معاملن ۽ سوشل سيڪيورٽي محمد احمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: پيپلز پارٽي جي اڳواڻ اعظم ڌامراهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

بشريٰ بي بي پنهنجي آڊيو ڪال رڪارڊ ۽ ليڪ ڪرڻ خلاف عدالت ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

بشريٰ بي بي وڪيل لطيف کوسي سان آڊيو ڪال رڪارڊ ۽ ليڪ ڪرڻ خلاف عدالت ۾ درخواست جمع ڪرائي: ذريعا

بشريٰ بي بي اڳوڻي وزيراعظم جي گهرواري ۽ لطيف کوسو سندس وڪيل آهي: درخواست جو متن

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي پنهنجي وڪيل لطيف کوسا سان ڳالهه ٻولهه جي آڊيو ڪال رڪارڊ ڪرڻ ۽ ليڪ ڪرڻ خلاف عدالت ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. گذريل ڏينهن اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ اجلاس جي صدارت ڪندي

باهه کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: ميئر ڪراچي

باهه وسائڻ لاءِ فائر برگيڊ عملو موجود آهي، عمارت ۾ هن وقت ڪيترا ماڻهو موجود آهن

هن وقت اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته باهه کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ميڊيا سان ڳالهائيندي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو ته باهه وسائڻ لاءِ فائر برگيڊ عملو موجود آهي، عمارت ۾ هن وقت ڪيترا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڊپارٽمينٽ جي مشينري ڊپارٽمينٽ جو اثاثو آهي: ايشور لال

ڪاٽي جي مشينري هجڻ باوجود ان کي ڪرائي تي وٺڻ ڪنهن به صورت ۾ اداري جي مفاد ۾ ناهي

گهربل مشينري جي غير موجودگيءَ جي صورت ۾ مشينري کي ڪرائي تي وٺڻ ۾ ڪو مسئلو ناهي

ڪراچي (رپورٽر) نگران آبپاشي وزير سنڌ ايشور لعل، اير ڊي سيده حيدرآباد پريتم داس ۽ چيف انجنيئر مڪينيڪل ڪوٽڙي بئراج ريجن حيدرآباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

توشه خانه ريفرنس فيصلي خلاف عمران خان جي اپيل واپس وٺڻ جي درخواست رد

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق درخواست رد ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

پي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين عمران خان فيصلي جي خلاف 28 آڪٽوبر 2022 تي هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو هو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توشه خانه ريفرنس جي فيصلي خلاف عمران خان طرفان اپيل واپس وٺڻ جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي جي ترقي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق

ڪراچي وارن کي ڪجهه معاملن کان آگاهه ڪرڻو آهي، اهڙي پاليسي ناهي آهي: اڳواڻ

گذريل سٽي ڪائونسل اجلاس ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو، ان سان عوام کي درست پيغام نه ويو

ڪراچي (رپورٽر) پ پ ۽ جماعت اسلامي ڪراچي جي ترقي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪري ورتو، جنهن جي تصديق مرتضيٰ وهاب ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

مال ۾ باهه لڳڻ وارو واقعو وارثن جا بيان رڪارڊ ڪرڻ جو حڪم

ٻڌڻي دوران جوابدارن جي وڪيلن آڏو جوابدارن جا بيان رڪارڊ ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

پوليس 5 جوابدارن کي 5 ڏينهن جي جسماني رماند تي عدالت ۾ پيش ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي راشد منهاس روڊ تي واقع شاپنگ سينٽر ۾ باهه لڳڻ واري ڪيس ۾ سٽي ڪورٽ جاچ آفيسر کي وارثن جا بيان رڪارڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

فاطمه ڦرڙو جي گهر تي هٿياربندن جو حملو، سوديبازي نه ڪندس: والد

نامعلوم هٿياربندن ڳوٺ جي ٻن طرفن کان ڳوٺ تي حملو ڪيو

فائرنگ ڪئي پر ڳوٺاڻن همت ڪري فائرنگ ڪندڙن کي ڀڄائي ڇڏيو

خانواهڻ (رپورٽر) خانواهڻ ڀيرائي حويلي ۾ بيدرديءَ سان قتل ڪيل فاطمه ڦرڙو جي ڳوٺ تي مبينه طور حملو فائرنگ ڪئي وئي جنهن ۾ ڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

جعلي سفري دستاويزن جي تياري ۾ ملوث جوابدار ڪراچي مان گرفتار

جوابدار جعلي سفري دستاويز جي تياري ۾ ملوث هو: ايف آءِ اي

جوابدار جعلي ريزيڊنٽ ڪارڊ عيوض لکين رپيا وصول ڪندو هو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ ايف آءِ اي جي انساني سمگلنگ روڪ سرڪل ڪارروائي ڪري انساني سمگلر کي گرفتار ڪري ورتو ايف آءِ اي ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پ پ عام چونڊن لاءِ هر تڪ مان اميدوار فائنل ڪري ورتو آهي: نيئر بخاري

پ پ پارليامينٽ ۾ اڪثريتي جماعت ۽ بلاول ڀٽو وزيراعظم هوندو

پ پ خلاف اقتدار جي بکين جو غير فطري اتحاد نئين ڳالهه ناهي

اسلام آباد (م ڊ) پ پ جي سيڪريٽري جنرل نيئر بخاري چيو آهي ته پارٽي ايندڙ عام چونڊن لاءِ هر تڪ مان پنهنجو اميدوار فائنل ڪري ورتو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

تشدد جو شڪار رضوانه صحتياب، چائلڊ پروٽيڪشن حوالي

مان تمام گهڻي خوش آهيان، سڀني منهنجو خيال رکيو آهي: رضوانه

اڳ منهنجي حالت ٺيڪ نه هئي، ڊاڪٽرن ۽ نرسن منهنجو خيال رکيو

لاهور (م ڊ) اسلام آباد ۾ سول جج جي گهرواري پاران بدترين تشدد جو شڪار نوجوان گهريلو ملازم رضوانه کي صحتياب ٿيڻ بعد چائلڊ پروٽيڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عمارت جي چوڪيدارن باحفاظت ٻاهر ڪڍيو، متاثر عمارت جي عورت

اسان هنگامي حالتن ۾ ڪٺي آيا ۽ محفوظ هيٺ آياسين، دعا آهي ته اسان جو گهر سلامت رهي

الله جو شڪر آهي ته عمارت ۾ رهندڙ سمورا ماڻهو محفوظ ٻاهر نڪري آيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) متاثر عمارت ۾ رهندڙ عورت الناس طلحه جيو نيوز کي ٻڌايو ته هو چوٿين ماڙ تي رهي ٿي، عمارت جي چوڪيدارن اسان کي باحفاظت ٻاهر ڪڍيو جيڪو ڪجهه اسان جي هٿن ۾ هو اسان هنگامي حالتن ۾ ڪٺي آيا ۽ محفوظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لياقت جتوئي تحريڪ انصاف ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

مان ايندڙ عام چونڊن ۾ پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي حصو نه وٺندس: لياقت جتوئي

پير پاڳاري ۽ ارباب غلام رحيم سان رابطي ۾ آهيان، ارباب غلام رحيم سان پراڻا لاڳاپا آهن

لياقت جتوئي پي ٽي آءِ ڇڏي جي ڊي اي ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي: ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير لياقت جتوئي تحريڪ انصاف ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، ان حوالي سان سنڌ جي اڳوڻي وڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي

زال جڏهن چاهي حق مهر گهري سگهي ٿي، مڙس ادا ڪرڻ جو پابند آهي: سپريم ڪورٽ

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ حق مهر جي حوالي سان وڏو فيصلو ٻڌائيندي چيو آهي ته زال جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

چيف جسٽس قاضي فائزعيسيٰ 2013 ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس منيب جي فيصلي تي حيرت جو اظهار ڪري ڇڏيو

هاءِ ڪورٽ ڪيئن سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏئي سگهي ٿي: چيف جسٽس

ايڪسائيز ڊيوٽي ايڪٽ 2005 بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) ايڪسائيز ڊيوٽي ايڪٽ 2005 بابت ڪيس ۾ چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائزعيسيٰ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي تي حيرت جو اظهار ڪندي ريمارڪس ڏنا ته هاءِ ڪورٽ ڪيئن سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي ڪالعدم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪنڌڪوٽ: ڌاڙيلن جو ٿاڻي تي حملو، وڏو منشي شهيد، 3 اهلڪار زخمي

ڌاڙيلن جو پوليس ۽ رينجرز جي گاڏين مٿان حملو، فائرنگ ۾ پوليس جو وڏو منشي شهيد ۽ 3 رينجرز جا اهلڪار زخمي ٿي پيا

ڌوهاري ٽولي رينجرز ۽ پوليس جي گاڏين مٿان حملا ڪيا ڌوهارين جي ٽولي پهريان گشت ڪندڙ رينجرز جي گاڏي مٿان حملو ڪيو: ايس ايس پي ڪشمور

شهيد وڏي منشي جي جنازي نماز ادا ڪري سندس مڙهه لاڙڪاڻو اماڻيو ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) بخشاپور پرسان گذريل رات دير سان ڌاڙيلن جو پوليس ۽ رينجرز جي گاڏين مٿان حملو فائرنگ ۾ پوليس جو وڏو منشي شهيد ۽ 3 رينجرز جا اهلڪار زخمي ٿي پيا. شهيد وڏي منشي جي جنازي نماز ادا ڪري سندس مڙهه لاڙڪاڻو اماڻيو ويو آهي. ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌڪوٽ روحيل کوسو جو چوڻ آهي ته گذريل رات دير سان ڌوهاري ٽولي رينجرز ۽ پوليس جي گاڏين مٿان حملا ڪيا ڌوهارين جي ٽولي پهريان گشت ڪندڙ رينجرز جي گاڏي مٿان حملو ڪيو حملي ۾ فائرنگ سبب رينجرز جا ٽي اهلڪار علي شير، محمد رفيق ۽ فيض عثمان زخمي ٿي پيا ساڳئي ڌوهاري ٽولي مياڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪنڌڪوٽ: هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهيد اهلڪار جو آخري ديدار ڪيو پيو وڃي

توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس: عمران خان، فواد چوڌري جو ٽرائل جيل ۾ ڪرڻ جي منظوري، ٻڌڻي 13 ڊسمبر تي ٿيندي

ڊپٽي ڊائريڪٽر صائم جنجوعه اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ فواد چوڌري جو ٽرائيل اڊيالا جيل ۾ ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس جي ٻڌڻي 13 ڊسمبر تي اڊيالا جيل ۾ ٿيندي: اليڪشن ڪميشن

اليڪشن ڪميشن گهرو وزارت کي 2 ڏينهن ۾ قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ جي باني چيئرمين عمران خان ۽ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي خلاف توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس جي جيل ٽرائيل جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي لاءِ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر صائم جنجوعه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرديائي سنيها ڪيسواڻي جو موت فطري قرار

سنيها ڪيسواڻي هاسٽل ۾ شام جو ساهيڙين سان گڏ پڙهائي ڪري رهي هئي ته دل جو دورو پيو

اطلاع ملڻ باوجود انتظاميا ايمبولينس نه ڏني، سنيها کي رڪشا ۾ پهرين سول اسپتال پوءِ اين آءِ سي وي ڊي منتقل ڪيو ويو: ذريعا

خيرپور (رپورٽر) خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرديائي سنيها ڪيسواڻي جو موت فطري قرار، وارث پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بنا لاش لاش ڍرڪي ڪٺائي ويا، ڪجهه دير ۾ آخري رسمون ادا ڪيون وينديون. سنيها ڪيسواڻي هاسٽل ۾ شام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پاڪستاني شهرين سان شادي ڪندڙ افغان پناهگيرن لاءِ رولز ۾ نرمي ڪرڻ گهرجي: پشاور هاءِ ڪورٽ

پاڪستاني شهرين سان شادي ڪندڙ افغان پناهگيرن لاءِ رولز ۾ نرمي ڪرڻ گهرجي: جسٽس وقار احمد

پاڪستان اوريجن ڪارڊ لاءِ سموريون درخواستون جزوي طور تي منظور ڪيون وڃن ٿيون

درخواستگذار پي او سي لاءِ لاڳاپيل فورم ۾ طريقي ڪار تحت درخواستون ڏنيون: فيصلي جو متن

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ پاڪستاني شهرين سان افغان پناهگيرن جي شادين بابت درخواستن تي لکت فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. پشاور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جو انڊس اسپتال جي ڪچن جو اوچتو دورو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: گودام ۾ باهه لڳڻ جي ڪري سامان سڙيل نظر اچي رهيو آهي

ڄامشورو ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، شڪي دهشتگرد گرفتار

سي ٽي ڊي پوليس ڄامشورو ٿرمل پاور هائوس جي هاءِ ٽرانسميشن لائين ويجهو ڪارروائي ڪئي

ٻه جوابدار ڌماڪيدار مادو ڪٺي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جوابدارن جو تعلق سنڌ لبريشن آرمي سان آهي

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو جي علائقي ڳوڙ يوسف ۾ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ ڪارروائي ڪري هڪ شڪي دهشتگرد کي دستي بم سميت گرفتار ڪري ورتو سي ٽي ڊي پوليس ڄامشورو ٿرمل پاور هائوس جي هاءِ ٽرانسميشن لائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڏرو: عوامي تحريڪ ۽ ٻنون ايڪشن ڪميٽي پاران ٻيلن جي قتل عام خلاف احتجاج

ٻنون فاريسٽ رينج جي ٻيلن ڪڏي، مولچند، جراڙ، فتح پور ۽ مولچند پڪي مان وڏي پئماني تي وڻن جي نسل ڪشي وارو عمل جاري

ٻيلي کاتي اهلڪارن ٻيلن اندر ڪاٺ جي مختلف واپارين ۽ آرامشينن وارن کي ڪاٺ جي وڍي جا ٺيڪا ڏنا ويا آهن: مظاهرين

ٻيلن اندر ڪوئيلي جون ڀٽيون قائم ڪيون ويون آهن، ٻيلن جي نسل ڪشي وارو عمل روڪي ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

ڏرو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون فاريسٽ رينج جي ٻيلن ڪڏي، مولچند، جراڙ، فتح پور ۽ مولچند پڪي مان وڏي پئماني تي وڻن جي نسل ڪشي وارو عمل جاري، روزانو لکين روپين جو عمارتي ڪاٺ وڍجي ٽريڪٽر ٽرالين ۾ ڀرجي وڪرو ٿيڻ لڳو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڏرو: وڻن جي نسل ڪشي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ننڊو ۾ هائير سيڪينڊري
اسڪول جي سوين شاگردن
پاران احتجاج ڪيو ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ننڊو ۾ هائير سيڪينڊري اسڪول جي سوين شاگردن جو ترڪول روڊ تي ڌرڻو. اسڪول بلڊنگ جي مرمت لاءِ لڳل ڌرڻو 3 ڪلاڪ جاري. ڌرڻي سميت ترڪول روڊ تي ٻنهي طرف کان ٽريفڪ جام. ايس ايچ او ڪوسڪي جو پرنسپال سان ڳالهيون. اسڪول ايف اي ايس ايچ او سان گڏجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو: مرحوم اعجاز علي شاهه شيرازيءَ جي ٽئين ورسي تقريب 10 ڊسمبر تي ملهائي ويندي

ورسي دوران تقريب ۾ سندس زندگيءَ تي ٺاهيل ڊاڪيومينٽري ۽ تحريري روشني سان گڏ دعا گهري ويندي

سيد مرحوم اعجاز علي شاهه شيرازي ايم پي اي چونڊجڻ ڪانپوءِ وڌيڪ مظبوط ڪيو: اڳواڻ

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) لاڙ جي خطي جي غريب ماڻهن خاص طور تي ضلعي ٺٽي ۽ سجاول ضلعي جي عوام جي دلين تي راڄ ڪندڙ سگهاري عوامي سياسي اڳواڻ ۽ اڳوڻي صوبائي وزير مرحوم سيد اعجاز علي شاهه شيرازيءَ جي ٽين ورسي تقريب 10 ڊسمبر 2023 تي شيرازي هائوس ٺٽو تي ملهائي پئي وڃي جنهن ۾ ضلعي ٺٽي ۽ ضلعي سجاول سميت آسپاس جي ضلعن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سنڌ ۾ من پسند تڪبنديون پري پلان ڌانڌلين جي شروعات آهي: محمد حُسين محنتي

جمهوريت جو حُسن آهي ته تمام پارٽين کي ليول پلينگ فيلڊ سان گڏ سياست ۽ ميڊيا ڪوريج جا برابر موقعا فراهم ٿيڻ گهرجن

اليڪشن کي طاقت ۽ مال دولت جي رانڊ نه بڻايو وڃي، اليڪشن ڪميشن مخالفن جي اعتراضن تي سنجيده غور ڪري

ٿرپارڪر ضلعو معدنيات سان مالامال آهي ٿرڪول تي هلي رهيو آهي پر ٿر جي سمورن ڳوٺن ۾ بجلي ناهي

ٿرپارڪر (رپورٽ: صادق ٻجير) جماعت اسلامي صوبي سنڌ جي امير ۽ سابق ايم اين اي محمد حُسين محنتي چيو آهي ته سنڌ ۾ من پسند تڪبنديون پري پلان ڌانڌلين جي شروعات آهي، جمهوريت جو حُسن آهي ته تمام پارٽين کي ليول پلينگ فيلڊ سان گڏ سياست ۽ ميڊيا ڪوريج جا برابر موقعا فراهم ٿيڻ گهرجن. اليڪشن کي طاقت ۽ مال دولت جي رانڊ نه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٿرپارڪر: اڳوڻو ايم اين اي محمد حسين محنتي گڏجاڻي دوران ڳالهائي رهيو آهي

سکر ۾ ميرپور پور ماٿيلو جي رهواسي پاران
ڪوارٽر مان 75 هزار کان وڌيڪ رقم جون
سولر پليٽون چوري خلاف احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) ميرپور پور ماٿيلو جي رهواسي پاران ڪوارٽر مان 75 هزار کان وڌيڪ رقم جون سولر پليٽون چوري ڪندڙ جوابدارن جي عدم گرفتاري خلاف سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي پورهيت خادم حسين ڪانڌڙو ٻڌايو ته گهوٽڪي ضلعي جي ميرپور ماٿيلو ليبر ڪالوني ۾ چورن جو آزار گهٽ نه ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو پرسان مختلف ٻوڏ متاثرين علائقن ڳوٺن ۾ هڪ روزه مفت طبي ڪئمپ قائم

2 سئو کان وڌيڪ مريضن مرد عورتن معصوم ٻارڙن جو مفت مريضن کي چيڪ اپ ڪري دوائون ڏنيون ويون

جيستائين هي موبائل هيلٿ سروس پهچي سگهي ٿي، عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيو: اڳواڻ

مريضن کي مڪمل سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ علاج جون گهربل سهولتون فراهم ڪيو وينديون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) آغوش الخدمت فائونڊيشن جماعت اسلامي ضلع دادو تعلقه جوهي پاران جوهي لڳ ڳوٺ غلام حسين ڳاڏهي ۽ رنگ بند جي مختلف ٻوڏ متاثرين علائقن ڳوٺن ۾ هڪ روزه مفت طبي ڪئمپ جماعت اسلامي تعلقه جوهي جو امير خير الدين ٻبر جماعت اسلامي جوهي سٽي ناظم سڪندر علي پتو جي نگراني ۾ لڳائي وئي جنهن ۾ 2 سئو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ ۾ فرٽيلائزر ڊيلرز سان گڏجاڻي

ضلعي ۾ يوريا ڀاڻ جي مهانگي اگهه تي وڪرو ۽ ذخيره اندوزي کي روڪڻ لاءِ ڪيو ويو

جيڪڏهن هارين کي يوريا ڀاڻ نه ملي ته هو ڪڻڪ جو بهتر فصل حاصل ڪري نه سگهندا: ڊي سي

ڊپٽي ڪمشنر آفيس، لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس ۽ زراعت کاتي جي آفيسرن کي فراهم ڪئي وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم اڄ پنهنجي آفيس ۾ فرٽيلائزر ڊيلرز سان گڏجاڻي جي صدارت ڪئي جنهن ۾ ضلعي ۾ يوريا ڀاڻ جي مهانگي اگهه تي وڪرو ۽ ذخيره اندوزي کي روڪڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز: ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سکر: انڊونيشيا جي قونصل جنرل ڊاڪٽر
جان ڪنجورو هائيڊيننگارٽ پاران چيمبر
آف انڊسٽري اينڊ ڪامرس جو دورو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) انڊونيشيا جي قونصل جنرل ڊاڪٽر جان ڪنجورو هائيڊيننگارٽ سکر چيمبر آف انڊسٽري اينڊ ڪامرس جي دوري تي چيمبر جي صدر بلال وقار خان ۽ ٻين ميمبرن سان خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته سکر جو هي منهنجو ٽيون دورو آهي. منهنجي اچڻ جو مقصد انڊونيشيا ۽ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سلطانپور پرسان چوپائي مال ۾ پراسرار بيماري ڪاهي پئي، مالوند پريشان

متاثر مالوندن عبدالخالق ڪٽو سهراب ڪٽو خاوند بخش ڪٽو، نظر محمد ڪٽو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اسان جي ڳوٺ لال ڏنو ڪٽو ۾ گذريل هڪ هفتي کان چوپائي مال ۾ پراسرار بيماري ڪاهي پئي آهي: مالوند

روزانو قيمتي ڍور مرڻ سبب اسين سخت پريشان آهيون، ڊاڪٽر موڪلي وڌيڪ قيمتي چوپايو مال مرڻ کان بچايو وڃي

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور پرسان ڳوٺ لونگ ڪٽو ۾ چوپائي مال ۾ پراسرار بيماري ڪاهي پئي ڪيترن ئي مالوندن جا قيمتي ڍور مرڻ لڳا جنهن سلسلي ۾ ڳوٺ لال ڏنو ڪٽو جي متاثر مالوندن عبدالخالق ڪٽو سهراب ڪٽو خاوند بخش ڪٽو نظر محمد ڪٽو ۽ ٻين ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي ڏانهندي چيو ته اسان جي ڳوٺ لال ڏنو ڪٽو ۾ گذريل هڪ هفتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ختم ڪرڻ لاءِ فرٽيلائزر ڊيلرن خلاف ڪارروايون جاري آهن: ڊي سي بدين

هن وقت تائين ضلعي بدين ۾ 23 گودام سيل ڪيا ويا آهن، مختلف فرٽيلائزر ڊيلرن تي 8 لک رپين کان وڌيڪ جرمانو لڳايو آهي

آبادگارن سان زيادتيون برداشت نه ڪيون وينديون ڪير ڪيترو به طاقتور ڇو نه هجي ان جي خلاف قانوني ڪارروائيون جاري رهنديون

آبادگارن سان گڏجي ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ جو مڪمل خاتمو آڻبو، ضلعي بدين کي ڀاڻ جي گهربل ڪوٽا پوري ڪئي وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ختم ڪرڻ لاءِ فرٽيلائزر ڊيلرن خلاف ڪارروايون جاري آهن هن وقت تائين ضلعي بدين ۾ 23 گودام سيل ڪيا ويا آهن. مختلف فرٽيلائزر ڊيلرن تي 8 لک رپين کان وڌيڪ جرمانو لڳايو آهي ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو دربار هال ۾ ضلعي بدين جي سمورن فرٽيلائزر ڪمپنين جي مينيجرن. ڊيلرن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين: ڊپٽي ڪمشنر عبدالفتاح هليو اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سوڀوديرو ۾ هاءِ ڪورٽ
۾ پٽيشن داخل، ٺيڪيدار روڊ
جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي ويو

سوڀوديرو (رپورٽر) لاڙڪاڻو پل کان خانواهڻ روڊ جي ڪرپٽ ٺيڪيدار امداد منگيءَ تي هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل روڊ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي ويو راشي ۽ ڪرپٽ عملدارن روڊ جا منظور ٿيل ٽوٽل مڪمل پئسا ڏئي ڇڏيا لاڙڪاڻو خيرپور پل جي اٽڙ پمپ کان خانواهڻ وايا اڳڙا نوازو سمي روڊ جو ڪم ڪرپٽ بي ايمان ٺيڪيدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي واٽر ڪارپوريشن ۾ گريڊ 16 کان گريڊ 20 تائين آفيسرن لاءِ حج جي قرعه اندازي

قرعه اندازي تقريب ۾ 5 خوش نصيب آفيسرن حج جي سعادت لاءِ ڪاميابي ماڻي ورتي

تقريب ۾ محمد ثاقب، سيد افتخار شاهه، نديم احمد ڪرماڻي، انتخاب احمد راجپوت ۽ ٻين جي شرڪت

ڪاميابي ماڻيندڙ خوشنصيب آفيسرن ۾ مشتاق احمد شيخ، ابرار حسين، عبدالحق مگسي، جهانگير ۽ ٻيا شامل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي واٽر ڪارپوريشن ۾ گريڊ 16 کان گريڊ 20 تائين آفيسرن جي لاءِ حج جي قرعه اندازي جي تقريب چيئرمين سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ ٿي گذري، قرعه اندازي تقريب ۾ 5 خوش نصيب آفيسرن حج جي سعادت لاءِ ڪاميابي ماڻي ورتي. تقريب جا مهمان خاص سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ۽ سي او او واٽر ڪارپوريشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نئون ديرو ۾ لڳايل ٽن ڏينهن وارو ڪتابي ميلو پڄاڻي تي پهتو

ڪتابي ميلي ۾ مزدورن، هارين کي خصوصي طور گهرائي آگاهي سيشن ڏنو ويو

فنڪار غلام قادر شيخ جذباتي ڪلام ٻڌائي محفل ۾ ويٺلن کي جهومائي ڇڏيو

نئون ديرو (رپورٽر) نئون ديرو ۾ نوجوانن جي سماجي تنظيمن سوشل اويئرنيس ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن، سنڌيڪا، سرتيون ڪرافس پاران شاهه لطيف پبلڪ پارڪ ۾ لڳايل ٽن ڏينهن وارو ڪتابي ميلو اڄ پڄاڻي تي پهتو. ڪتابي ميلي ۾ مزدورن، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر ۾ نيشنل بڪ فائونڊيشن پاران ٻن ڏينهن جو ڪتابي ميلو

اسڪول جي شاگردن ۽ استادن پاران خوشي ۽ سرهائي جو اظهار ڪيو ويو

استادن ۽ شاگردن ڪتابن جي اسٽال تان ڪيترائي مختلف ڪتاب خريد ڪيا

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) گورنمينٽ ڊبل سيڪشن هاءِ اسڪول ٻراج ڪالوني سکر ۾ نيشنل بڪ فائونڊيشن پاران ٻن ڏينهن جو ڪتابي ميلو پنجاهه سيڪڙو رعايتي اگهن سان لڳايو ويو. خوبصورت ڪتابي ميلي جي انعقاد تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر: ڪتابي ميلي تان شاگرد ڪتاب خريد ڪري رهيا آهن

نئون ديرو پرسان 6 ڏينهن واري ٽريننگ ورڪشاپ

جديد تعليمي طريقن بابت استادن ۽ هيڊ ماسترن کي آگاهي ڏني

پنهنجي شاگردن کي تعليم ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪنداسين: استاد

نئون ديرو (رپورٽر) نئون ديرو لڳ آ، بي اي جي نگراني ۾ هلندڙ گورنمينٽ ڪلسٽر هاءِ اسڪول ڪيهر ۾ استادن ۽ هيڊ ماسترن کي جديد تعليمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽو: پراسرار نموني گم ٿي ويل جهمپير واسي پوليس هيڊ ڪانسٽيبل جو پتو نه پيو

ٻڌڻي تي عدالت ۾ ڊي ايس پي اسٽيل ٽائون ٿاڻي سميت ٻيا پوليس عملدار پيش ٿيا

موبائل فون ٽريس ڪري لوڪيشن وٺجي ته موبائل فون ڪٿي آهي: عدالت جا ريمارڪس

ٺٽو (ب) 3 هفتا اڳ 15 نومبر 2023 تي اسٽيل ٽائون ڪراچي جي ڊي ايس پي آفيس مان پراسرار نموني گم ٿي ويل جهمپير واسي پوليس هيڊ ڪانسٽيبل سيد نظر محمد شاهه جو اڃان تائين ڪو به ڏس پتو پئجي ناهي سگهيو جنهن ڪري سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: سول اسپتال پاران رت جي عطيي جي ڪئمپ قائم

رت جو عطيو ڏيڻ سان انساني جسم ۾ نئون رت پيدا ٿئي ٿو: غلام اڪبر ناريجو

سول اسپتال ۾ قائم ٿيل هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ مريضن جي خدمت ڪري رهي آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز: هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ سول اسپتال پاران سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي هدايتن تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: رت عطيو ڏيڻ واري ڪئمپ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ پيار پرڻو ڪندڙ ناري پريس ڪلب پهتي

مائٽن منهنجي مڙس محمد ڪاظم سيال جي چاچي کي گرفتار ڪرائي گم ڪري ڇڏيو آهي: ناري

فوري طور گم ڪيل منهنجي چاچي رحيم سيال کي آزاد ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دادو (ن سنڌيار) نوشهروفيروز جي ڳوٺ ڏربيلو جي پريمي جوڙي حيدرآباد ڪورٽ ۾ پسند جي شادي ڪرڻ بعد ناري مريم ڌيءَ ممتاز سولنگي دادو پريس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته مون پنهنجي راضي خوشي سان حيدرآباد ڪورٽ ۾ محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي جو ايڪشن، 3 ڊيلرن مٿان ڏنڊ

اي سي ايس ايس ڊي فرٽيلائزر مٿان 50 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو

سمورا ڊيلر ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ کان پاسو ڪن: اسسٽنٽ ڪمشنر

گهوٽڪي (د ر) "ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ تا ڪريو" اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي جو ايڪشن، 3 ڊيلرن مٿان اڍائي لک روپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي محسن امتياز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گهوٽڪي: اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي ڊيلرن خلاف ڪارروائي ڪري رهيو آهي

سکر ۾ آل ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام يونين پاران تقريب

تقريب ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز جي مرڪزي اڳواڻ بشريٰ آرائين، صدف پٺو ۽ ٻين جي شرڪت

ليڊي هيلٿ ورڪرز کي مسلسل نظرانداز ڪري ڪين حقن کان محروم رکيو ويو آهي: اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ آل ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام يونين پاران سکر پريس ڪلب ۾ شاندار تقريب منعقد مرڪزي صدر سميت ٻين اڳواڻ عورتن جي شرڪت حقن لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ڪيو ويو ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهرفيروز پرسان ٻارڙن جي لاءِ ٿيٽر پروگرام

ٻارڙن مختلف موضوعن تي ٽيبلوز پيش ڪيا ۽ تقريرون پڻ ڪيون

ٻارڙن تي جبري پورهيو جا واقعا ڪنهن به قيمت تي برداشت جوڳا نه آهن: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز پرسان جمع خان شر ۾ سماجي تنظيم آر سي پاران ٻارڙن جي لاءِ ٿيٽر پروگرام ۽ گهرن ۾ هٿ سان تيار ڪيل شين جي نمائش رکي وئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ٻارڙن ثقافتي ويس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غوثپور ۾ هر سال جيئان ثقافت جو ڏهاڙو ملهايو ويو

اسڪولي تقريب ۾ سوين اسڪولي شاگردن، استادن ۽ ٻين جي شرڪت

اسان طرف سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: اڳواڻ

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) ثقافتي تقريب غوثپور شهر جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ اسڪول جي انتظاميه پاران سنڌي ميڊيا نيٽ ورڪ جي سڏ تي هر سال جيان اڄ به ثقافت جو ڏهاڙو ملهايو ويو. اسڪولي تقريب ۾ سوين اسڪولي شاگردن، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

غوثپور: ثقافتي تقريب دوران اڳواڻ ويٺل آهن

شڪارپور: پ پ اڳواڻ امتياز شيخ بيگاري واهه ۾ گندو پاڻي ڇوڙ ڪرڻ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

پبلڪ هيلٿ ۽ ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور جي عملدارن کي گهرائي بيگاري واهه ۾ ڇوڙ ڪندڙ ايريائن جو معائنو ڪرايو

جلد کان جلد خراب پائيپ لائينون ٺيڪ ڪرائين ۽ انساني جانين کي بچائڻ لاءِ اپاءُ ورتا وڃن: پ پ اڳواڻ امتياز احمد شيخ

پيپلز پارٽي حڪومت شڪارپور شهر جي بهتري ۽ خوبصورتي لاءِ فنڊ ڏنا جيڪي شهر تي خرچ ڪيا ويا آهن

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ، بيگاري واهه ۾ شهرين پاران گندو پاڻي ڇوڙ ڪرڻ جو سخت نوٽيس ورتو ۽ بيگاري واهه جو دورو ڪيو. ان موقعي تي پبلڪ هيلٿ ۽ ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور جي عملدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شڪارپور: پ پ اڳواڻ امتياز شيخ بيگاري واهه جو دورو ڪري رهيو آهي

نئون دمبالو پرسان
اسڪول ۾ ثقافتي
ڏهاڙيو ملهايو ويو

نئون دمبالو (رپورٽر) نئون دمبالو پرسان ڳوٺ ابراهيم ڪنيار ۾ انڊس ايليمينٽري پبلڪ اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙيو ملهايو ويو تفصيل موجب نئون دمبالو لڳ ڳوٺ ابراهيم ڪنيار ۾ انڊس ايليمينٽري پبلڪ اسڪول ۾ سنڌي ثقافت سان محبت جي اظهار طور ثقافتي ڏهاڙيو ملهائيندي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

غوثپور پرسان نوجوان خودڪشي ڪري ڇڏي

نوجوان شير محمد لولائي گهرو اٽبت تان پاڻ مٿان پسٽل جا فائر ڪيو

سندس جي امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا، علائقي ۾ سوڳ ڇانئيل

غوثپور (عبدالنبي ملڪ غوثپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ حمل لولائي ۾ رات دير سان پنجويهن ورهين جي نوجوان شير محمد لولائي گهرو اٽبت تان پاڻ مٿان پسٽل جا فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو آهي، نوجوان گهر ۾ پيل پسٽل کڻي ڪمري ۾ اندر وڃي دروازو بند ڪري پاڻ مٿان ٿي ٿي پسٽل جا فائر ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو، نوجوان کي سندس گهر وارن سخت زخمي ٿيڻ بعد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نئون ڪوٽ ۾ 4 ڏينهن تي اسڪول ايڪتا جي رنگن سان جرڪي پيا

گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول ڪوٽ ارباب مير محمد ۾ ثقافتي تقريب رچائي وئي

ايڪتا تقريب دوران گهوٽ ڪنوار جي علامتي شادي، قومي گيتن تي جهمريون

شاگردن ثقافتي ويس پهري ٽيبلوز پيش ڪري قومي گيتن تي جهمريون هڻي ماڻهن کي جهومائي وڌو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ 4 ڏينهن تي اسڪول ايڪتا جي رنگن سان جرڪي پيا، ايڪتا تقريب دوران گهوٽ ڪنوار جي علامتي شادي، قومي گيتن تي جهمريون، نئون ڪوٽ پرسان گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول ڪوٽ ارباب مير محمد ۾ ثقافتي تقريب رچائي وئي، تقريب ۾ شاگردن پاران ثقافتي ويس پهري ٽيبلوز پيش ڪري قومي گيتن تي جهمريون هڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نئون ڪوٽ: اسڪول ۾ ٿيل ثقافتي تقريب جو ڏيک

مٺياڻي شهر ۾ قائم
زراعت کاتي جي ٽن
آفيسن کي تالا لڳل

مٺياڻي (رپورٽر) مٺياڻي شهر ۾ قائم زراعت کاتي جي ٽن آفيسن کي تالا لڳل. فيلڊبرز گم. آبادگار پريشان. فصلن تي وائرس جو حملو. مٺياڻي شهر ۽ آسپاس ۾ زراعت جي فصلن ۾ مختلف بيمارين ۽ وائرس پکڙيل - مقامي آبادگارن. ربنواز چانڊيو. ميرل مشوري - ڪوڙو خان سولنگي ۽ ٻين چيو ته مٺياڻي - ابجي ۽ سهڙا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گولاڙچي ۾ ناحق قتل ڪيل دين محمد نهڙيو جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا، احتجاج

زميني تڪرار جي زد ۾ اچي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل ڪيل دين محمد نهڙيو جي مک قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن احتجاج ڪيو

پوليس قاتلن جي گرفتاريءَ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، گولاڙچي پوليس قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪي به مناسب اپاءُ ناهن ورتا: مظاهرين

دين محمد نهڙيو جي قاتلن کي فلفور گرفتار ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ وڏي پيماني تي احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) گولاڙچي ۾ زميني تڪرار جي زد ۾ اچي ناحق قتل ڪيل دين محمد نهڙيو جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا. گولاڙچي جي نهڙيا برادريءَ جي سڏ تي گولاڙچي ۾ احتجاج ڪيو ويو وڏي انگ ۾ سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن شرڪت ڪئي. خبر موجب ڪجهه ڏينهن اڳ زميني تڪرار جي زد ۾ اچي هٿياربندن جي فائرنگ جي زد ۾ اچي قتل ڪيل دين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا

شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 115 ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود گرفتاري کان بچيل رهيا

احتجاجي تحريڪ تيز، علامتي بک هڙتال ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز جي صدر بشريٰ آرائين جي اڳواڻي ۾ شرڪت

معاملي جو نوٽيس وٺي شهيد جان محمد جي قتل ۾ ملوث اصل جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي: اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل 115 ڏينهن مڪمل ٿيڻ باوجود گرفتاري کان بچيل رهيا. صحافين جي احتجاجي تحريڪ تيز، علامتي بک هڙتال ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرز جي صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

عورت ماءُ به آهي ته ڀيڻ به آهي
سماج کي اڏڻ ۾ عورت جو اهم
ڪردار آهي: تنزيلا قمبراڻي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ماتلي ۾ عورتن پاران ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي. شيدي پاڙي ۾ شاگرديائي مزمل باري ۽ نينا باري پاران منعقد ڪيل هن تقريب ۾ ماتلي جي شاگرديائين توڙي عورتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ سنڌي گيتن تي رقص ڪري تقريرون ڪرڻ سان گڏ ٽيبلوز پيش ڪيا ويا/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نئون دمبالو پرسان 8 سالا معصوم ٻار معذوري سبب لاچار ڪنهن مسيحا جو منتظر

ڳوٺ پائي خان احمداڻي ۾ 8 سالا معذور معصوم ٻارڙو صدورو ولد گل ضمير احمداڻي معذوري سبب بستري تي پيل

اسان جو معصوم ٻار جيڪو معذوري سبب هلڻ ڦرڻ ۽ کائڻ پيئڻ کان لاچار بستري تي تڙپندو رهي ٿو: وارث

روزانا جيڪا ڏهاڙي ملندي آهي ان سان هن مهنگائي جي دور ۾ گهر جي چلهه به وڏي مشڪل سان ٻرندي آهي

نئون دمبالو (رپورٽر) نئون دمبالو پرسان 8 سالا معصوم ٻار معذوري سبب لاچار ڪنهن مسيحا جو منتظر تفصيل موجب نئون دمبالو پرسان ڳوٺ پائي خان احمداڻي ۾ 8 سالا معذور معصوم ٻارڙو صدورو ولد گل ضمير احمداڻي معذوري سبب بستري تي پيل آهي جيڪو هلڻ ڦرڻ کان لاچار ۽ بيوس بڻيل آهي جيڪو ڪنهن مسيحا جو منتظر آهي سندس غريب امڙ ۽ والد گل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز: 25 مهينا اڳ ٻن نوجوانن جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

ڳوٺ پرنڊ جي رهواسين پاران 25 مهينا اڳ ٻن نوجوانن جي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڊي ايس پي حميد پنهور ۽ ٻين اهلڪارن اسان جي ٻن نوجوانن محب علي ۽ اطهر علي کو گوليون هڻي بيگناهه قتل ڪيو: مظاهرين

ڊي ايس پي ۽ ٻين اهلڪارن کي پوليس گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (د ر) ڳوٺ پرنڊ جي رهواسين پاران 25 مهينا اڳ ٻن نوجوانن جي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن حاڪم علي، محرم علي، امجد علي سولنگي ٻڌايو ته 25 مهينا اڳ ڊي ايس پي حميد پنهور ۽ ٻين اهلڪارن اسان جي ٻن نوجوانن محب علي ۽ اطهر علي کو گوليون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

احتجاج
احتجاج
اطهر سولنگي ۽ محب علي سولنگي
ڊي . ايس . پي حميد پنهور
نوشهروفيروز: نوجوانن جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دولتپور پرسان لنڊ ڪي شاخ
ڪي رات ديرسان اوچتو 20
فوٽ گهارو پئجي ويو

دولتپور صفن (رپورٽر) دولتپور پرسان ڳوٺ رسول بخش ڪوسو پرسان لنڊ ڪي شاخ کي رات ديرسان اوچتو 20 فوٽ گهارو پئجي ويو جنهن سبب ڳوٺ رسول بخش ڪوسو سميت آسپاس جا پنجاهه کان وڌيڪ ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا آهن جڏهن ته پاڻيءَ جو تيز وهڪرو سبب دولت پور جي زميندار اختر حسين خانزاده سميت آسپاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سنڌين جي پيرن هيٺان زمين کسڪائي وئي آهي: ايس يو پي ڪراچي

سنڌين کي پنهنجي زمين تان اختيار کسي پٽ سان لڳايو پيو وڃي: علي نواز گبول ۽ ٻيا

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪمپني لاءِ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمين ڏئي ڇڏي آهي

حڪومت قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي ڪمپني کي ليز تي ڏني اها سموري زمين جي ليز رد ڪري زمين واپس ورتي وڃي

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪراچي ڊويزن صدر علي نواز گبول سيڪريٽري. منيرخان مگسي، پريس بيان جاري ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي نگران ڪابينا ڪهڙي قانون تحت. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪمپني لاءِ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمين ڏئي ڇڏي آهي اسين سمجهون ٿا ته سنڌين جي پيرن هيٺان زمين کسڪائي سنڌين کي پنهنجي زمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 7 ڊسمبر 2023ع

ڀنگ خاطر اغوا جون وارداتون ۽ سنڌ پوليس

حڪمراني توڙي جو اهم ذميواري آهي پر اسان جا حڪمران ان کي جاهه ۽ جلال، عوام تي رعب ۽ دٻدٻي لاءِ استعمال ڪندا آهن ۽ ان کي دل پشوري سمجهندا آهن. اهي پنهنجا منصبي فرض ادا ڪرڻ ۾ زبردست ڪوتاهي جا مرتڪب ٿيندا رهيا آهن. نگراني واري حڪمراني جي مختصر ۽ محدود مدي ۾ پڻ حڪمران، حڪمراني جو اهو تعارف بدلائي نه سگهيا آهن ۽ اهي پڻ ڪوتاهي ۽ لاپرواهي وارن پيچرن تي هلڻ لڳا آهن، جن پيچرن تي سندن پيشرو پير گسائي ويا آهن. سنڌ ۾ امن امان جون حالتون بنهه خراب آهن. ڪچي ۾ پوليس ۽ "اشرافيه" (پوتارن) جي سرپرستي ۾ اغوا انڊسٽري عروج تي آهي. ڀنگ خاطر ماڻهو اغوا ڪرڻ جو سلسلو پڇاڙي تي پهچي نه سگهيو آهي. ٻئي طرف پڪي جا ڌاڙيل به سرگرم ٿي ويا آهن. هن ڀيري ڀنگ خاطر اغوا جي وارداتن ۾ پوليس اهلڪار سڌي ريت ملوث ڏٺا ويا آهن. ان سلسلي ۾ ٻن هاءِ پروفائيل وارداتن جو حوالو ڏئي سگهجي ٿو. اڳ ۾ هڪ زير تربيت ڊي ايس پي ۽ ايس ايس پي ڪراچي ۾ هڪ واپاري جي گهر مان ڦرلٽ ۾ ملوث هجڻ تي قانون جي گرفت ۾ اچي چڪا آهن ۽ ٻي خبر ڪراچي جي ئي حوالي سان آهي، جتي مليرمان ٻن پوليس اهلڪارن سميت ٽن ڄڻن کي سوگهو ڪيو ويو آهي. اهلڪار جو تعلق گارڊن هيڊڪوارٽر ۽ ڪلاڪوٽ ٿاڻن سان آهي، جڏهن ته سندن هڪ مخبر کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. جن واپاري مرزا احتشام بيگ کي اغوا ڪري 19 لک رپين جي ڀنگ عيوض ڪيس آزاد ڪيو. اغوا ڪندڙن جي ان گروهه ۾ شامل ڪڏاپ ٿاڻي جي اهلڪار ۽ سندس ٻن ساٿين جي ڳولها جاري آهي.

ڪنهن اداري جا اهلڪار فرضن ۾ ڪوتاهي ڪن ته ان کي سڌاري جوڳو سمجهي سگهجي ٿو پر ان اداري جا اهلڪار اداري جي قائم ٿيڻ واري مقصد جي بنهه ابتڙ ڪم ڪرڻ لڳن ته ان کي نه صرف ڏوهه پر ڊٻل ڏوهه چئي سگهجي ٿو ۽ ڏوهن جي نه معافي تلافي ممڪن آهي پر ڊٻل جي ڪا به معافي ناهي هوندي. پوليس جو ڪم عوام جو تحفظ ڪرڻ آهي پر جڏهن ان اداري جا اهلڪار ان بنيادي مقصد جي ابتڙ ڪم ڪرڻ لڳن ته اهو عمل ڪنهن به صورت ۾ نظر انداز ڪرڻ جهڙو ناهي. سنڌ جي گادي واري شهر ۾ پوليس جو ڏوهن ۾ سڌي طرح ملوث هجڻ، خاص طور تي ڀنگ خاطر اغوا جي وارداتن ۾ انتهائي ڳڻتي جوڳو آهي. اها ڳالهه چٽي آهي ته چند اهلڪار اغوا جون وارداتون اڪيلي سر ۽ بنا ڪنهن سرپرستي جي نٿا ڪري سگهن. ڪين ضرور اعليٰ عملدارن جي سرپرستي حاصل هوندي، جيئن اڳ ۾ زير تربيت ڊي ايس پي سان گڏ هڪ ايس ايس پي جي ملوث هجڻ واري ڳالهه سامهون اچي چڪي آهي. هيو ته معاملو ڪجهه فردن تائين ئي محدود نٿو ٿي سگهي، ان لاءِ اهو ويساهه سان چئي سگهجي ٿو ته ڪو مضبوط نيٽورڪ ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ رٿابندي ڪندڙ، مخبري ڪندڙ ۽ اغواڪار موجود آهن ۽ جيستائين اهو نيٽورڪ نٿو ٽوڙيو وڃي، تيستائين ڪراچي ۾ ڀنگ خاطر اغوا جون وارداتون ختم نه ٿينديون ۽ هاڻي ته ٻن هاءِ پروفائيل وارداتن ۾ پوليس اهلڪارن جي ملوث هجڻ واري ڳالهه سامهون اچڻ ڪانپوءِ ان نيٽورڪ تائين رسائي آسان ٿي وڃي ٿي، پر ان حوالي سان جيستائين سنجيده ڪوششون نه ٿينديون، تيستائين نتيجا حاصل ٿي نه سگهندا.

ڪراچي ۾ پوليس اهلڪارن هٿان ڀنگ خاطر اغوا جي وارداتن تي نگران منتظمين کي ڳڻتي نه هجڻ به وڏي ڳڻتي جي ڳالهه آهي. توڙي جو نگرانن جي دور ۾ نئون آئي جي سنڌ مقرر ٿيو آهي، جنهن جو واسطو ٻئي صوبي سان آهي، جنهن جي ڪا به سياسي مجبوري، مصلحت نه آهي ۽ نه ئي ان تي ڪو سياسي دٻاءُ نه آهي، اهڙي صورت ۾ پوليس جي اها ڪارڪردگي انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي. امن امان منتظمين جي اهم ذميواري آهي، جنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ انتظامي سنجيدگي جو مظاهرو ڪيو وڃي.

آءِ ايم ايف ۽ معيشت جا ممڪن سڌارا

تحرير: رياض ابڙو

پاڪستان جا آمريڪا ۽ آءِ ايم ايف سان لاڳاپا صحيح ناهن پوءِ ڪير ڪيترو به چئي، ڪجهه به چئي، ڪيتري به وڪالت ڪري ته به حڪومت جا ٽپڙ ٽيشن تي هوندا آهن، روس سان تيل جا معاهدا، روس کي اسٽيل مل جو ڏيڻ، ڪي پي ٽي جو ٽرمينل يو اي اي کي ڏيڻ (ان کري ته 2030 تائين دنيا مان توانائيءَ جا ذريعا کي پيا هوندا. ان کري سعودي سرڪار به رڳو وزيٽرز تي ڌيان پئي ٿي ڏئي ۽ چون ٿا 25 لک حاجين جي اميد هئي پر رڳو 16 لک آيا آهن ان کري جيڪو ٽارگيٽ هيو اهو پورو ناهي، ڳالهه پئي ڪئي سين ته انهن وٽ جڏهن تيل جون دولتون ختم ٿي وينديون، دنيا مان جڏهن تيل جو ڪاپو گهٽجي ويندو ته اهي اسان جهڙن ملڪن ۾ صنعتي زون ناهيندا.

صنعتي ترقي اسان وٽ ان کري به ممڪن هوندي جو اسان وٽ ڪنزيومر گهڻا آهن، جي ماڻهو هڪ ڪوپ چانهه جو به پيئي ته ڪمپنيءَ کي اربين روپيا ڏئي سگهي ٿو. ان کري اهي سڀ ملڪ آهستي آهستي پير ڪپائيندا. ٻي حقيقت اها به آهي ته ملڪ سڄي جو سڄو گروي رکندا ٿا وڃن جو سعودي سميت، اماراتي، چين، روس به انهن ڳالهين جي دعويداري ڏيکاريندو ۽ ڪنهن به حڪومت جي اها طاقت نه هوندي ته اهي سڀ ادارا ڇڏائي پنهنجي مٺ ۾ ڪندا. هونءَ به ڊي نيشنلائيزيشن جو دور آهي جيڪي به پرائيويٽ ادارا هلائن ٿا اهي ته سرڪار جي هٿ تي ٽيڪس ٿا رکن پوءِ مالڪ ڪير به هجي، مشرف جي دور ۾ خانگايل بيٺڪون پيا ادارا هاڻي حڪومت جي مٺي جو سور ناهن پر حڪومت جي مٺي جو سور رڳو ٽيڪس ڪليڪشن آ. ان کري هاڻي رڳو اهو ٿا وٺا ڳڻن ته ٽيڪس ڪيتري آهي. وري ريلوي نظام جي چين کي ڏين ته اهي هنن کي ترقي ڪري ڏيکاريندا پر ملڪ جي دعويداري ته وئي، هاڻي 6125 بلين روپيا هنن رڳو گذريل سال جي ٽيڪس مان ڪمايا آهن ۽ هاڻي به اهو هدف اٿن ته 6100 بلين روپيا وري ٽيڪس ڪليڪشن مان اوڳاڙيندا باقي ڪل پيران داخير.

اها ڳالهه به مڃون ٿا پر آمريڪا جي هڪ مشهور معاشي اداري Bloomberg جي مطابق ته پاڪستان اينڊڙ جولاءِ تائين ڏيوالو ڪري ويندو ان ڪري حڪومت جيڪا روز روز ان ڳالهه جي ڦشري ٿي ڪري ته رياست هاڻي ملازمن کي پينشن جا پيسا نه ٿي سگهي ته ان مان مراد اها به آهي ته جيڪي عسڪري ادارن جا 33 لک مان مٿي رٽائرڊ ملازم آهن جيڪي گهرويٺي پينشن ٿا کڻن (هڪ اندازي موجب)، انهن ۾ پيا ملازم به ڪٿي الڳ ڳڻجن ته پر پوءِ اڳوڻي حڪومت جي دعويءَ موجب ته جي ڊي پي جو 60 سيڪڙو رڳو اهڙن ملازمن جي پينشن ۾ هليو ٿو وڃي جن کي ماهوار 530 ارب روپيا ڏنا ٿا وڃن ۽ ٽيڪس ڪليڪشن مان روپيو به نه ٿو ملين، جي اها ڳڇ ڪن ته ۽ ان جو ازالو پرڻ لاءِ قرباني واري ٻڪري وري به عوام ٿيندو، خاص سنڌ ٿيندي ان جي لاءِ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ دبئي کي پنجاهه سالن ۽ اسٽيل مل ڪراچي روس کي پنجن سالن جي ليزتي ڏئي ڇڏيو اٿن.

آءِ ايم ايف جي شرطن مطابق نوان ٽيڪس لڳندا جيڪي هاڻي 720 ارب روپين جا هوندا پر ڳالهه اها به آهي ته اهي انڪم ٽيڪس وارا پيسا مهيني ماسي وارا پيسا هجن ٿا، اهي پيسا روز جي حساب سان هوندا (هڪ سوال آ) مثال جيڪي پيسا پيٽرول ۽ ڊيزل جي مد ۾ روز ڪٽجن ٿا اهي پيسا اربن روپين جي حساب سان حڪومت جي کيسي ۾ پوندا رهن ٿا. پر حڪومت به هاڻي جي ڏندن وارو ڪم ٿي ڪري ته ڏيکاري هڪڙو ٿي ۽ ڪري ٻيو ٿي. هاڻي هنن ته ذخيرا اندوزيءَ تي اهڙي پابندي هنئي آهي جنهن جو ڪو لاڀ ڪونهي جو ته حڪومت رڳو 30 سيڪڙو پيٽرول ۽ ڊيزل مس ٿي امپورٽ ڪري باقي 70 سيڪڙو ته گهرو پيداوار مان حاصل ڪري ٿا وٺن. گيس به 30 سيڪڙو مس امپورٽ ڪندا. ايران جي رستي جيڪو پائيپ لائين وارو منصوبو آهي اهو زرداري صاحب جي دور ۾ ٺئي رٿيل هيو پر حڪومت ۽ رياست جي ڪن اندروني مفادن جي ڪري رڪجي رڪجي وري هاڻي سانباها ڪيا اٿن ته اهو هلائيندا.

پر چالاڪي اها به اٿن ته رياست جيڪي ڊيزل، پيٽرول (خام تيل) گهرائي ٿي ته اهو جي ڊالر جي مد ۾ پوين ٿو ته لوڪل پروڊڪشن مان حاصل ڪيل تيل به اٿين ئي ٿا کپائن ته جيئن ان تي هڪ ته ٽيڪس وٺي سگهن معني هاڻي هنن جي لاءِ آساني آهي ته گهرو پيداوار به انهن کي ڊالرن جي اگهه تي کپائيندا ۽ پيٽرول ۽ ڊيزل به ان طرح کپائيندا ۽ هاڻي گيس به. چو ته انهن طريقن سان حڪومت ٽن طريقن سان ٽيڪس ڪمائي سگهي ٿي، ليوي وٺي سگهي ٿي. هڪ ته جيڪو امپورٽ ٿو ڪري ان کي ڦرن ٿا. جيڪو وري ترن جو تيل ترن مان ئي ڪڍي ٿا وٺن. ٻيو ته جيڪو ريٽيلر آهي، جن جا پيٽرول پمپ آهن. اهي ريٽيلنگ جا دوڪان آهن انهن کان سيلز جي مد ۾ اوڳاڙين ٿا. وري ساڳي طرح جيڪو "اينڊ يوزر" معني جنهن وٽ آخر اها شيءِ پڄي ٿي جيڪو ساڙي، ٻاري، ڪائي پي، کپائي وڃائي استعمال ڪري ڪجرو ٿو ڪري ان کان وري ڪنزيومر ٽيڪس ٿا وٺن. پر ڏٺو وڃي ته انهن سيني ٽيڪس جي لوازمات جو سڌو ۽ اڻ سڌو بار رڳو عوام مٿان آهي. وري جيڪي ايڪسپلورر آهن جيڪي تيل جي ڳولها کان وٺي ان جي صاف صفائي (ريفائنري) ڪان وٺي وري جيستائين يوزر تائين پڄائين ٿا تيستائين حڪومت ٽي ٽي دفعا ٽيڪس ٿي ڪاٽي. ته پوءِ انهن ڪمپنين جي مرضي آهي ته جڏهن ريفائن ڪندا ته هيٺ يوزر ڏي موڪليندا ته ٽيڪس هٽي موڪليندا. مثال پيٽروليم ڪمپنيون (جيڪي به آهن) اهي سڀ جون سڀ جي ذخيرا اندوزي نه ڪنديون ته باقي ڇا ڪنديون. اها ڳالهه انهن جي پيٽرول پمپن تي ناهي ته اهي پيٽرول ۽ ڊيزل جا کوهه پري رکندا، اهي هاڻي اٿين نه کي سگهندا، جڏهن به پيٽرول جا اگهه گهٽبا آهن ته اهي پيٽول پمپ وارا پيٽرول پمپن کي لوهه جو ڪڙو واڙو چاڙهي ويهندا آهن پوءِ انهن جي ان ڳالهه کي ڪير ڪنٽرول ڪندو. اهي هر ايندڙ ويندڙ گاڏي کي اهو چئي موٽائيندا آهن ته پيٽرول ڪونهي ته انهن کان قانون لاڳو ڪندڙ ادارا پڇا ڪري سگهندا. ڪير انهن کي چوڻ وارو آهي ته ڪيو ڇا ٿا؟ پوءِ حڪومت، رياست جي اهڙي فرسوده ۽ بيڪار قانون پاس ڪرڻ مان فائدو.

انهن جي اهڙي قانون پاس ڪرڻ سان ماڻهو هاڻي دهل ڪٽي نڇندا، روس جي پيٽرول، خام تيل جي جهازن پڇڻ سان ماڻهو ٻجا تير ٻجا ڪندا فائدو چاهي اهڙن قانونن پاس ڪرڻ سان، عام ماڻهن سان ڊرامو ٿا ڪن؟ پر ٽيڪس ڪليڪشن اها به آهي ته هر دوڪاندارن وٽ هڪ اهڙي مشين رکي وڃي جيڪا هر گراهڪ کي بل ڏيندي رهي، اها حڪومت جي ٽيڪس جو پلي روپيو چون هجي پلي ڪٽي ۽ دوڪاندار هر يوزر کي بل ضرور ڏئي اها مشين ان کري به ضروري آهي ته جيڪي به ڪاروبار ڪن ٿا اهي ڪمائن ته ٿا پر انهن مان حڪومت انڪم ٽيڪس جي اوڳاڙي نه ٿي ڪري سگهي. پوءِ انهن کي رڳو هڪ مشين مهيا ڪئي وڃي جيڪا انڪم ٽيڪس جي اداري سان نيٽ ورڪ جي ذريعي ڳنڍيل هجي جنهن مان رڳو هڪ بل نڪري ته ان تي روپيو حڪومت کي ملي ته حڪومت پنهنجا سڀ قرض پڪا لاهي سگهي. ته جيئن پيٽرول ۽ ڊيزل جي مهانگي ڪرڻ ڪنهن ٻي هروڀرو ٽيڪس جي ضرورت نه پوين.

هڪ ٻي ڳالهه اها به آهي ته اهي سڀ شيون ٻين ملڪن ۾ هلن ٿيون جو ڪو به اصراف ڪنهن شيءِ استعمال ڪرڻ جو سوچيندو ته پهرين ان کي اها ڳالهه ذهن ۾ هوندي ته دوڪاندار کان بل ضرور وٺڻو آهي، ماڻهو جنهن به ٽرانسپورٽ کي استعمال ڪندو ان کي ٽڪيٽ جو چوندو. ان کري سيلز ٽيڪس جي مد ۾ هر فيڪٽري کان، هر ميڊيسن ڪمپنيءَ کان جڏهن اوڳاڙي ڪري سگهن ٿا ته اهي سڀ شيون انهن دوڪاندارن، عام ريڙهي واري کان به وٺي سگهن ٿا، پر اهي سڀ ٺيڪا هنن "ايل اي اوز" کي ڏئي ڇڏيا آهن ته جيڪي به قانون لاڳو ڪندڙ ادارا آهن اهي ملڪ جي ڪنهن به وڏي شهر جي پارڪنگ جا ڪنٽرول به پاڻ وٽ رکن، چو ته اهي ماڻهو ڪاڏي ويندا، آخر ايندا ئي انهن ادارن ڏي. ان کري اهي سرڪاري شخص پلي ڪمائن پر اهي پيسا ڪنهن به صورت حڪومت وٽ نه وڃن. (پر هاڻي حڪومت اهو به سوچيو آهي ته اهي عمل به ڪرائيندا). جيڪي به دوڪاندار آهن اهي "ويلٿ ٽيڪس" هر سال (يا هر ميهني) ڀريندا معني اهي جيئن ٽي وي لائيسنس وانگي هر مهيني بجلي جي بل ۾ ڀريندا آهن تيئن هر اهو دوڪاندار جيڪو ڪاروبار هلائيندو، جيڪو به ڪا به شيءِ کپائيندو اهو ان صورت ويلٿ ٽيڪس به ڀريندو. ان کري هر پگهاردار کان پهرين اهي حڪومتي ادارا انڪم ٽيڪس ته وٺن ٿا پر ٿلهي ليکي هر ان ڪمپنيءَ کان به ٽيڪس اوڳاڙن ٿا جيڪا رجسٽرڊ آهن ان ڪري انهن دوڪاندارن کان به صورت انڪم ٽيڪس ڪليڪشن ڪري سگهجي ٿي ته جيئن حڪومت وٽ رڳو پيٽرول وڌائڻ جو بهانو نه هجي ۽ مهانگائي به ڪنٽرول ڪري سگهجي.

رهي اَڄجي راتڙِي، تن واڍوڙِينِ وَٽاءَ؛
جن کي سورُ سريرَ ۾، گهڻَ مَنجهاران گهاءَ؛
لِڪائي لوڪاءَ، پاڻهين ٻَڌنِ پَٽِيُون.

ثقافتي ۽ تعليمي ڪانفرنس جو احوال!

منٺار علي گهنجو

سنڌ بلوچستان جي سنگم تي واقع باهو ڪوسو شهر هوندي ته هڙئي بنيادي مسئلن کان وانجهيل آهي پر تعليمي ميدان ۾ هي علائقو ڪنهن به طرح سان گهٽ ڪونهي، نج ٻهراڙيءَ ۽ انتهائي پسماندا شهر باهو ڪوسو تعليمي ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي جنهن کي هي به اعزاز حاصل آهي ته هن نج ٻهراڙيءَ واري شهر انيڪ پڙهيل لکيل نوجوان پيدا ڪيا آهن جيڪي مختلف شعبن سان سلهاڙيل آهن، هن ئي علائقي ڊاڪٽر پيدا ڪري ڏنا آهن، انجنيئر پيدا ڪري ڏنا آهن، استاد وڪيل ۽ قابل شاگرد پيدا ڪري ڏنا آهن جنهن جي آبياري معياري ۽ بهترين تعليمي اداري شاهه لطيف اڪيڊمي ئي ڪئي آهي، شاهه لطيف اڪيڊميءَ منجهان ڦٽي نڪتل گل هر هنڌ خوشبو ڦهلائيندا رهن ٿا ۽ وري شاهه لطيف اڪيڊميءَ جو مهندار ۽ باني استاد، اديب، شاعر ۽ سماجي سرت رکندڙ شخص اسان جو محسن سائين تبسم ڪوسو آهي جنهن انتهائي پٺتي پيل علائقي باهو ڪوسو اندر شاهه لطيف اڪيڊمي جو قيام عمل ۾ آڻي علم جو الم بلند ڪيو. علم جون ڏياٽيون روشن ڪيون آهن ۽ اونده ۾ لاٽ ٻاريو هي ذڪر ڪيل شاهه لطيف اڪيڊمي هر سال تعليمي ڪانفرنس ڪرائيندي رهندي آهي ۽ ٻارن منجهه لڪيل صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ ۽ ڪين سون ماڻهن آڏو اسٽيج تي ٻيهارڻ جو فن سيکاريندي رهندي آهي جنهن هر سال جيان هن سال به پنهنجي روايت کي برقرار رکندي ثقافتي ڏهاڙي جي نسبت سان "تعليمي ۽ ثقافتي ڪانفرنس" جي عنوان سان پروگرام منعقد ڪيو آهي، ڏٺو وڃي ته سائين تبسم ڪوسو موقع مناسبت سان موضوع جو بهتر انتخاب ڪيو آهي "ثقافت ۽ تعليم!" يعني ثقافت ۽ تعليم کي مرج ڪيو آهي، هونئن به ڏٺو وڃي ته ثقافت تعليم بنا اڌورو آهي، جيڪڏهن اسان منجهه تعليم نه هوندي ته اسان ثقافت جو وجود برقرار نه رکي سگهنداسين، پر بهرحال سائين تبسم ڪوسو ۽ ان جي ٽيم ٻاران علي حسن هانيي جي ميزبانيءَ ۾ "تعليمي ۽ ثقافتي ڪانفرنس" جا انڊلٺي رنگ باهو ڪوسو ۾ آچر ٿيا ان ڏينهن اڪيڊمي ۾ پڙهندڙ ٻارن سنڌي پوشاڪ سفيد شلوار قميص ۽ سنڌي ٽوپي پهري آيا هئا جنهن سان سارو ماحول اجرڪ ۽ ٽوپي جي رنگن سان جرڪي پيو، پروگرام جو باقاعدا آغاز ننڍي مزمل حسين گهنجي جي تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو، پروگرام ۾ ڪمپيئرنگ جا فرائض اڪيڊميءَ جي پرنسپل ساگر علي حسن هانيي ۽ منٺار گهنجو ادا ڪيا ان موقعي تي پروگرام ۾ شريڪ مهمانن هاءِ اسڪول ڳڙهي حسن جي هيڊ ماستر انور علي نوناري، هاءِ اسڪول باهو ڪوسو جي هيڊ ماستر محمد ايوب ڪوسو، پرائمري اسڪول باهو ڪوسو جي هيڊ ماستر محمد رمضان گهنجو، استاد اديب ۽ شاعر شاڪر ڪوسو، پرائيمري اسڪول عرض محمد ٽانوري جي هيڊ ماستر غلام علي ٽانوري، صدام حسين مرهيٽو، استاد فاروق احمد ڊومڪي، باهو ڪوسو ٿاڻي جي ايس ايڇ او سليم خان پٺاڻ ۽ محمد شعبان جکراڻي کي مهمان طور اسٽيج تي ويهاريو ويو ۽ ڪين سنڌ جي مهمان نوازيءَ واري روايت موجب سنڌي اجرڪ پهرا ويا جڏهن ته پروگرام کي ڪوريج ڪرڻ لاءِ پهتل مانوارن صحافين محمد حسن ڪوسو، نزاڪت علي ڪنراڻي، محمد موسا سرڪي، محمد علي گهنجو، عبدالغني ڪوسو، ارشاد ڪنراڻي ۽ ٻين کي پڻ اجرڪن جا تحفا ڏنا ويا، تهان بعد ننڍڙي شمائلا تبسم ڪوسو ٻاراڻو گيت ڳائي محفل کي مچائي ڇڏيو، ان بعد اسٽيج تان پروگرام جا ڪمپيئر ساگر علي حسن هانيي ۽ منٺار گهنجو تقريري مقابلي جي نشست جو اعلان ڪيو ۽ تقريري مقابلي ۾ حصو وٺندڙ ٻارن عباس رند، آصف ننڍواڻي، سڪندر ڪوسي، علي محمد ملڪ، راهب علي ننڍواڻي، اياز ننڍواڻي، خالد مبارڪ ننڍواڻي، اختيار ننڍواڻي، عرفان علي ٻمبل، اصغر ننڍواڻي، ڪي شاهه لطيف، شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ جي خوبصورت شاعريءَ سان ڊائيس تي سڏ ڪيو، تقريري مقابلي کي ججمينٽ ڪرڻ واسطي سائين تبسم ڪوسو جي مشوري سان اسٽيج تي ويٺل مهمانن مان ڳڙهي حسن هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر انور علي نوناري، باهو ڪوسو هاءِ اسڪول جي هيڊماستر محمد ايوب ڪوسو ۽ استاد، شاعر ۽ اديب شاڪر ڪوسو کي جج مقرر ڪيو اڪيڊميءَ جي شاگردن تمام زبردست تقريرون ڪيون ۽ تاڙين جي صورت ۾ داد وصول ڪيو، تقريري مقابلي واري نشست کان پوءِ پيتيءَ (سوالن جواب جو مقابلو) ڪرايو ويو جنهن کي اي ۽ بي گروپ ۾ ورهايو ويو هو ٻارن تمام هوشياريءَ سان سوالن جا جواب ڏنا ان نشست بعد چيئر گيم ۽ ڦوڪڻا ڦوڪڻ جا مقابلا به ڪرايا ويا، حاضرين ۽ ٻارن نهايت دلچسپيءَ سان مقابلو ڏٺو آخر ۾ مهمانن انور علي نوناري، محمد ايوب ڪوسو، محمد رمضان گهنجو، شاڪر ڪوسو، ايس ايڇ او سليم خان پٺاڻ، منٺار علي گهنجو، فاروق ڊومڪي، زاهد فراز ڪوسو ۽ ٻين خطاب ڪندي ٻارن جي ڀرپور حوصلا افزائي ڪئي، داد ڏنو ۽ سندن صلاحيتن کي مڃيو ۽ سائين تبسم ڪوسو جي محنت جي واکاڻ ڪئي هنن خطاب ۾ چيو ته باهو ڪوسو جهڙي پٺتي پيل نج ٻهراڙيءَ واري علائقي ۾ سائين تبسم ڪوسو ٻارن ۾ وڏي صلاحيت پيدا ڪئي آهن ۽ ٻارن جي لڪيل صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪين هر قسم جا پليٽ فارم مهيا ڪري ڏنا جنهن تي هو زبردست جس لهي، هنن چيو ته واقعي ڏٺو سين ته شاهه لطيف اڪيڊمي باهو ڪوسو جي ٻارن ۾ بي پناهه ٽيلينٽ آهي مستقبل ۾ هي ڪنهن وڏي عهدي تي پهچي سگهن ٿا، پروگرام جي آخر ۾ پوزيشن کٽندڙ ۽ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ ايوارڊ به ورهايا ويا.

بقايا 01

بشير چيمه ۽ امتياز رانجها به شريڪ ٿيا. نوازشريف مسلم ليگ(ق) جي سربراهه شجاعت حسين جي خيريت پڇا ڪئي. چوڌري شجاعت حسين نوازشريف جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. مسلم ليگ(ن) ۽ مسلم ليگ(ق) جي قيادت ايندڙ عام چونڊن ۾ گڏيل تعاون تي به ڳالهيون ڪيون. مسلم ليگ(ق) ملاقات کان پوءِ پنهنجي پارٽي قيادت جو اجلاس گهرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي جڏهن ته مسلم ليگ(ق) جي قيادت ليگي قيادت سان ملاقات جي باري ۾ پنهنجي اڳواڻن کي به اعتماد ۾ وٺندي. نوازشريف ۽ چوڌري شجاعت حسين جي ملاقات ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ ۽ ايندڙ چونڊن بابت مشاورت ڪئي وئي، جڏهن ته ان دوران چوڌري شجاعت مطالبو ڪيو ته جن سيٽن تي اسان جا ماڻهو کٽيا هئا نه صرف اهي اسان کي ڏنيون وڃن پر گجرات، سيالڪوٽ، منڊي بهاءالدين ۽ حافظ آباد ۾ به سيٽون ڏنيون وڃن. ذريعن موجب (ن) ليگ ۽ (ق) ليگ وچ ۾ پنجاب اسيمبلي جي 4 ۽ قومي اسيمبلي جي 2 سيٽن تي مشاورت مڪمل ٿي چڪي آهي. (ن) ليگ طارق بشير چيمه جي مقابلي ۾ ڪوبه اميدوار نه بيهاريندي. جڏهن ته چڪوال مان قومي اسيمبلي جو اڳوڻو ميمبر رهندڙ چوڌري سالڪ جي سيٽ تي به ايڊجسٽمينٽ ٿي چڪي آهي، جڏهن ته چوڌري شافع گجرات مان چونڊون وڙهندو. پر ملاقات ۾ موجود چوڌري وجاهت جي پٽ ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي جي ميمبر حسين الاهي جي سيٽ تي ڪابه مشاورت نه ٿي پنهنجي طرفان ان تي بعد ۾ مشاورت تي اتفاق ڪيو ويو آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته ملاقات ۾ اهو طئي ڪيو ويو آهي ته ٻين 2 صوبائي اسيمبلي جي سيٽن تي جيڪي نالا چوڌري شجاعت ڏيندو انهن جي سيٽ ڪنفرم ٿيندي ان جي لاءِ. چوڌري شجاعت پنهنجي پٽن جو نالو ڏنو آهي انهن جي مقابلي ۾ (ن) ليگ ڪوبه اميدوار نه بيهاريندي. ذريعن ٻڌايو آهي ته جيڪڏهن چوڌري سالڪ قومي اسيمبلي جي چونڊ وڙهندو ته ان جي هيٺيان 2 صوبائي اسيمبلين جا اميدوار (ن) ليگ جا هوندا جڏهن ته طارق بشير چيمه جي هيٺيان 2 صوبائي اسيمبلين تي به (ن) ليگ جا اميدوار هوندا. نوازشريف ۽ چوڌري شجاعت وچ ۾ ملاقات کان پوءِ (ن) ليگ جو وفد ميڊيا سان ڳالهائڻ کان سواءِ واپس روانو ٿي ويو جڏهن ته (ق) ليگ طرفان به ميڊيا سان ڪنهن به قسم جي ڳالهه ٻولهه نه ڪئي وئي.

بقايا 02

فائر برگيڊ جون وڌيڪ گاڏيون به طلب ڪيون ويون آهن. فائر برگيڊ عملدارن موجب 12 فائر ٽينڊر، 2 اسنارڪل ۽ هڪ باوزر واقعي واري هنڌ موجود آهي. ريسڪيو عملدارن موجب عمارت مان هڪ شخص کي سڙي حالت ۾ ڪڍيو ويو آهي. اکين ڏٺن شاهدن موجب باهه فوم گتر جي دڪان ۾ شارٽ سرڪٽ سبب لڳي جنهن سبب باهه تيزيءَ سان پکڙجي وئي. باهه متاثر دڪانن جي مٿان 7 ماڙ رهائشي عمارت جي مٿين منزلن تائين پهچي وئي ۽ هر طرف دونهون پکڙجي ويو. هڪ اکين ڏٺي شاهد ٻڌايو ته عمارت ۾ 250 کان وڌيڪ دڪان ۽ 450 رهائشي فليٽ آهن. ٻئي پاسي سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري جو نوٽيس سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري عائشه منزل ۾ فرنيچر جي دڪان ۽ عمارت ۾ باهه لڳڻ جو نوٽيس ورتو آهي. گورنر سنڌ عمارت اندر موجود ماڻهن جي محفوظ نڪرڻ کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي آهي. گورنر ڪمشنر ڪراچي کي هدايت ڪئي آهي ته باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن. گورنر سنڌ چيو ته اسٽريٽ ڪرائمز هجن يا باهه جا واقعا، عوام متاثر ٿئي ٿو، ميئر ڪراچي کي ان ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ گهرجي ته اهڙا واقعا ٻيهر نه ٿين. عمارت ۾ گودام ٺاهيا ويا آهن. جيڪو انتهائي غلط اقدام آهي.

بقايا 03

هيٺ آياسين. دعا آهي ته اسان جو گهر سلامت رهي، هن چيو ته الله جو شڪر آهي ته عمارت ۾ رهندڙ سمورا ماڻهو محفوظ ٻاهر نڪري آيا آهن. ان جو ڪريڊٽ عمارت جي چوڪيدارن کي وڃي ٿو. ڊائريڪٽر ريسڪيو 1122 سنڌ عابد شيخ جو چوڻ آهي ته متاثر عمارت جي گرائونڊ ۽ ٽيبل ٽائون فلور کي ڪمرشل مقصدن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي، متاثر عمارت جي چئن فلورن تي فليٽ ٺهيل هئا، ڊائريڪٽر ريسڪيو 1122 موجب هي ٽئين درجي جي باهه آهي. باهه سڄي عمارت کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. باهه تي ضابطو نه آڻڻ جي صورت ۾ عمارت ڊهي پوڻ جو خدشو آهي.

بقايا 04

وزير لياقت جتوئي چيو آهي ته مان ايندڙ عام چونڊن ۾ پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي حصو نه وٺندس. هن چيو ته پير پاڳاري ۽ ارباب غلام رحيم سان رابطي ۾ آهيان. ارباب غلام رحيم سان پراڻا لاڳاپا آهن. ٻئي طرف ذريعن وٽان وڌيڪ خبر پئي آهي ته لياقت جتوئي پي ٽي آءِ ڇڏي جي ڊي اي ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب 9 ڊسمبر تي دادو ۾ جي ڊي اي پاران ڪوٺايل جلسي ۾ لياقت جتوئي جي ڊي اي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪندو. سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير لياقت جتوئي پاران اهڙي فيصلي کان پوءِ هيٺو جتوئي ۾ هم خيال دوستن جو اهم اجلاس پڻ سڏائي ورتو آهي. جنهن ۾ مختلف معاملن تي غور ويچار ڪيو ويندو. هوڏانهن سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر مظفر علي شجره به (ن) ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌ ڪابينه جو ميمبر رهندڙ مظفر علي شجره پاڪستان مسلم ليگ(ن) سنڌ جي صدر بشير ميمڻ سان ملاقات ڪئي جنهن کان پوءِ هن نوازشريف جي قيادت تي ڀروسي جو اظهار ڪندي باقاعده پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي. ان موقعي تي بشير ميمڻ چيو ته مظفر علي شجره جي پارٽي ۾ شموليت جي آجيان ڪريون ٿا.

بقايا 05

به گهر ڪري مڙس حق مهر ادا ڪرڻ جو پابند هوندو. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ حق مهر جي حوالي سان 3 صفحن تي ٻڌل فيصلو جاري ڪري ڇڏيو آهي. سپريم ڪورٽ طرفان جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته حق مهر شرعي گهرج آهي، جنهن جو تحفظ ملڪي قانون ۾ به موجود آهي. حق مهر ادا ڪرڻ جو وقت نڪاح نامي ۾ مقرر ٿيل نه هجي، زال ڪنهن به وقت گهري سگهي ٿي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته موجوده ڪيس ۾ زال کي حق مهر حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس داخل ڪرڻو پيو جيڪو 6 سالن کان پوءِ سپريم ڪورٽ پهتو عدالتن غير ضروري اپيلون داخل ڪرڻ تي مڙس تي ڏنڊ لاڳو نه ڪيو. غير ضروري اپيلن تي ڏنڊ لڳايو وڃي ها ته صورتحال اِستائين نه پهچي ها. غيرضروري اپيلون داخل ڪرڻ سان عدالتي نظام مفلوج ٿي رهيو آهي. غير ضروري اپيلون داخل ڪرڻ سان عدالتي نظام مفلوج ٿيندو پيو وڃي بنا سبب جي ڪيس داخل ڪرڻ تي عدالت کي ڏنڊ لڳائڻ گهرجن سپريم ڪورٽ زال کي حق مهر دير سان ڏيڻ تي مڙس تي هڪ لک روپيه ڏنڊ لڳائي ڇڏيو ۽ خالد پرويز جي گهر واري ثميند کي حق مهر جي ادائيگي جي حڪم خلاف اپيل رد ڪري ڇڏي.

بقايا 06

گورنر ۽ مولانا فضل الرحمان جي ويجهي ساٿي حاجي غلام علي جي بيان جو حوالو ڏيندي حيرت جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ مولانا جي حڪومت آهي خبر ناهي ڪين ڪهڙو سازگار ماحول گهرجيهن. وڌيڪ چيو ته عوامي عدالت جي فيصلي کان ڊڄل ماڻهو نٿا چاهين ته چونڊون ٿين. فيصل ڪريم ڪندي چيو ته 2007 ۾ اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو جي قتل کان پوءِ به پيپلز پارٽي چونڊن ۾ دير جي مخالفت ڪئي. اسان جي پارٽي 2013 ۽ 2018 جي چونڊن ۾ دهشتگردن جي حامين خلاف مقابلو ڪيو ۽ 2008_2013 ۾ بارودي سرنگن تي هلي چونڊ مهم هلائي. هن چيو ته ملڪ ۾ موجود مسئلن جو هڪڙو ئي حل چونڊون آهن. چيف جسٽس وقت تي چونڊن کي يقيني بڻائيندو. هن چيو ته مخالف پ پ جي چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري جي مشهوري کان ڊنل آهن. پيپلز پارٽي جي سيڪريٽري اطلاعات فيصل ڪريم ڪندي جو اهو بيان جي يو آءِ(ف) جي سربراهه جي تازي بيان کان پوءِ سامهون آيو آهي جڏهن مولانا فضل الرحمان ملڪ ۾ سيڪيورٽي جي خراب صورتحال تي سوال اٿاريا هئا.

بقايا 07

ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي بابت صدارتي ريفرنس ايندڙ هفتي ٻڌڻي لاءِ مقرر ٿيڻ جو امڪان آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو بابت صدارتي ريفرنس جي ٻڌڻي لارجر بينچ ڪندو. ذريعن موجب صدارتي ريفرنس جي ٻڌڻي چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ ٿيندي. ياد رهي ته 2011 ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت ان وقت جي صدر آصف علي زرداري سپريم ڪورٽ ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي بابت ريفرنس داخل ڪيو هو ان وقت سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري پنهنجي سربراهي ۾ 11 رڪني لارجر بينچ جوڙيو هو جنهن 3 جنوري 2012 کان 12 نومبر 2012 تائين ڪيس جون 6 ٻڌڻيون ڪيون پر ڪو به فيصلو نه ٿي سگهيو جنهن کان پوءِ هاڻ 11 سالن جي ڊگهي وقت کان پوءِ ريفرنس ٻيهر ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪيو پيو وڃي.

بقايا 08

جو حقدار آهي. ضمانت جي حوالي سان ڪيس جي ٻڌڻي ۾ عدالت سگهوري اهم فيصلو جاري ڪيو آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ضابطه فوجداري قانون جي تحت جيڪڏهن ٽرائيل 2 سالن تائين مڪمل نه ٿيو ته جوابدار ضمانت جو حقدار آهي. جسٽس اطهر من الله طرفان جاري ڪيل فيصلي موجب ضابطه فوجداري قانون ۾ ٽرائيل ۾ دير سان حوصلا شڪني ڪئي وئي آهي. جنهن قانوني سببن جي بنياد تي ضمانت جي درخواست رد ٿئي، انهن سببن کي بنياد بنائي ٻيهر ضمانت نٿي ڏئي سگهجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن گرائونڊ تي عدالت ۾ ڊٻل ضمانت جي درخواست واپس وٺڻ جي بنياد تي رد ڪئي وڃي، اهڙي گرائونڊ تي ٻيهر ضمانت جي درخواست نٿي ڏئي سگهجي. سپريم ڪورٽ فيصلي ۾ چيو آهي ته ٽرائيل ۾ دير جي بنياد تي ضمانت ڏئي سگهجي ٿي. جنهن کان پوءِ عدالت قتل جي واقعي ۾ گرفتار جوابدار محمد عثمان جي 2 لک روپين جي مچلڪن عيوض ضمانت جي درخواست منظور ڪري ورتي.

بقايا 09

ماڻهو موجود آهن. باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ جامع قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. ميئر ڪراچي چيو ته هن وقت اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته باهه کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪيو وڃي.

بقايا 10

توصيف قوي کي هدايت ڪئي آهي ته هو فوري طور تي آبپاشي کاتي جي صفائي سٿرائي لاءِ گهربل مشينري کي فوري طور تي مرمت ڪري فعال ڪن. نگران صوبائي وزير ايشور لعل چيو ته مشينري ناڪاره هجڻ سبب مڪينيڪل کاتي جا چار هزار ملازم بغير ڪم جي پگهار وصول ڪري رهيا آهن. جنهن جو نوٽيس وٺندي گذريل ٽن مهينن ۾ مختلف قسمن جون 24 مشينون مرمت ڪيون ويون آهن. هن چيو ته کاتي جي مشينري هجڻ باوجود ان کي ڪرائي تي وٺڻ ڪنهن به صورت ۾ اداري جي مفاد ۾ ناهي. گهربل مشينري جي غير موجودگيءَ جي صورت ۾ مشينري کي ڪرائي تي وٺڻ ۾ ڪو مسئلو ناهي. پر ڪرائي تي ورتل مشينري مهانگي پوندي آهي. هن چيو ته کاتي جي مشينري کاتي جو اثاثو آهي جنهن کي معمولي مرمت سان استعمال لائق بڻائي سگهجي ٿو جنهن سان اداري تي مالي بار به گهٽ ٿيندو.

بقايا 11

قرار ڏئي سگهي ٿي. ايڪسائيز ڊيوٽي ايڪٽ 2005 بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي. ٻڌڻي دوران جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته سپريم ڪورٽ ايڪسائيز ڊيوٽي ايڪٽ 2005 جو سيڪشن 3 اي 2011 ۾ صحيح قرار ڏنو ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ 2013 ۾ ساڳئي نوٽيفڪيشن کي ڪيئن غير آئيني قرار ڏنو؟ هاءِ ڪورٽ سپريم ڪورٽ جو فيصلو ڪيئن ڪالعدم قرار ڏئي سگهي ٿي؟ ٻڌڻي دوران چيف جسٽس بيرسٽر خالد جاويد کان پڇاڻو ڪندي چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي ئي نظرانداز ڪري ڇڏيو وڪيل خالد جاويد خان چيو ته ڪيس جي ٻڌڻي ۾ التوا چاهيون ٿا. جنهن تي چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته اوهان هر ڀيري بيرسٽر فروغ نسيم جي چو چو ڳالهه ڪري رهيا آهيو؟ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته فروغ نسيم طرفان التوا جي درخواست داخل ڪئي وئي. فروغ نسيم پنهنجي التوا جي درخواست ۾ چيو ٿو بيمار آهيان. ڏيڍ مهيني کان پوءِ ٻڌڻي ڪئي وڃي. اها انتهائي غير ضروري درخواست آهي اهو هڪ سينئر وڪيل جو رويو آهي جنهن کي خبر آهي ته اهو ڏيڍ مهيني کان پوءِ تندرست ٿي ويندو. جهڙي درخواست فروغ نسيم داخل ڪئي اها پهريان ڪڏهن به نه ڏٺي. ياد رهي ته ايڪسائيز ڊيوٽي ايڪٽ 2005 ۾ سيڪشن 3 اي کي 2007 ۾ شامل ڪيو ويو پر صدر عارف علوي جي منظوري کان پوءِ ٿي سيڪشن 3 اي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. صدر جي منظوري کان پوءِ نوٽيفڪيشن کي سنڌ ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو لاهور هاءِ ڪورٽ نوٽيفڪيشن کي صحيح قرار ڏنو جنهن کي سپريم ڪورٽ به 2011 ۾ برقرار رکيو پر 2013 ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس منيب اختر نوٽيفڪيشن کي غير آئيني قرار ڏنو.

بقايا 12

ايٽ بدائي ٿاڻي جي گشت ڪندڙ پوليس موبائيل مٿان به حملو ڪيو حملي ۾ گبلو ٿاڻي جو وڏو منشي لاڙڪاڻي واسي خالد حسين ابڙو شهيد ٿي ويو. زخمي اهلڪارن ۽ شهيد جو مڙهه سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان زخمين کي سکر منتقل ڪيو ويو آهي، ايس ايس پي جو وڌيڪ چوڻ هو ته حملن بعد ڌاڙيل ڪچي طرف فرار ٿي ويا آهن پوليس ۽ رينجرز طرفان ڪچي جي مختلف علائقن ۾ ڪاروائي تيز ڪري ڇڏي آهي جلد ڌاڙيل پنهنجي انجام تي پهچندا. هن چيو ته ڪچي ۾ پوليس ۽ رينجرز طرفان گڏيل آپريشن جاري هيو آپريشن سبب ڌاڙيلن جا رستا بند هجڻ ڪري ڌاڙيل ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ پوليس ۽ رينجرز جي گاڏين تي حملا ڪيا آهن، ٻئي طرف شهيد اهلڪار جي جنازي نماز پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌڪوٽ روحيل کوسو، رينجرز جي ونگ ڪمانڊر جميل احمد، ڊپٽي ڪمشنر امير افضل اويسي ۽ پوليس جي اهلڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنازي نماز بعد شهيد جو مڙهه لاڙڪاڻي منتقل ڪيو ويو آهي. هوڏانهن آءِ جي سنڌ رفعت مختيار پڻ اهڙي واقعي جو نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي کي فوري طور ڌاڙيلن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ذريعن موجب آءِ جي سنڌ راجا رفعت مختيار جي حڪم باوجود به ضلعي ۾ پوليس اڃان تائين ڪا به ڪاروائي نه ڪئي آهي پوليس خاموش ٻڌل آهي ضلعو ڌاڙيلن جي رحم ۽ ڪرم تي هلڻ لڳو آهي شهرين ۽ علائقي واسين سخت ڳڻتي ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هاڻي ڌاڙيلن کان قانون جا محافظ به محفوظ نه آهن عام شهرين جو ڇا ٿيندو رينجرز جي هجڻ سان ضلعي ۾ ڪجهه نابر آئي آهي رينجرز نه هجي ها ته ضلعي ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ مان هزارين شهري لڏ پلاڻ ڪري وڃن ها هن ضلعي جي پوليس جو ڪمانڊر ناڪام ٿي چڪو آهي.

بقايا 13

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق درخواست رد ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن 21 آڪٽوبر 2022 تي پي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين عمران خان کي قومي اسيمبلي جي ميمبر طور نااهل قرار ڏيڻ جو فيصلو ٻڌايو هو پي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين عمران خان فيصلي جي خلاف 28 آڪٽوبر 2022 تي هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو هو. عمران خان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ معاملو ٻڌڻي هيٺ هجڻ سبب اپيل واپس وٺڻ جي درخواست داخل ڪئي هئي، پي ٽي آءِ جي باني چيئرمين 18 جنوري 2023 تي اپيل واپس وٺڻ جي درخواست داخل ڪئي هئي. ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ عدالت 13 سيپٽمبر 2023 تي فيصلو محفوظ ڪيو هو جيڪو اڄ ٻڌايو ويو آهي.

بقايا 14

آهي. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي وارن کي ڪجهه معاملن کان آگاهه ڪرڻ آهي، اهڙي پاليسي ناهي آهي. جنهن سان شهرين کي فائدو ٿيندو. هن چيو ته گذريل سٽي ڪائونسل اجلاس ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو. ان سان عوام کي درست پيغام نه ويو. جماعت اسلامي احتجاج ڪيو ۽ اجلاس متاثر ٿيو. جنهن ڪانپوءِ 7 نومبر تي به اجلاس طلب ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. سندس موجب ان کان اڳ پارلياماني ليڊرن جو اجلاس به طلب ڪيو ويو هو. جنهن ۾ جماعت اسلامي سان پي ٽي آءِ جي ميمبر ڳالهايو. مرتضيٰ وهاب چيو ته پ پ جي پارلياماني ليڊر نجمي عالم جماعت اسلامي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. جنهن هاڪاري رويو اختيار ڪيو ۽ شهر جي ترقي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي حمايت ڪئي آهي.

بقايا 15

ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سٽي ڪورٽ راشد منهاس روڊ تي شاپنگ سينٽر ۾ باهه لڳڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران جوابدارن جي وڪيلن آڏو جوابدارن جا بيان رڪارڊ ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. پوليس 5 جوابدارن کي 5 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي عدالت ۾ پيش ڪيو. جوابدارن جي وڪيل چيو ته سندن مالڪن سان صلح ٿي رهي آهي. هو ڪين معاوضو ڏيڻ لاءِ تيار آهن. پوليس اسان سان سهڪار نه ڪري رهي آهي. سرڪاري وڪيل چيو ته ڪيس ۾ هڪ جوابدار آهي جيڪو مفرور آهي. اسان کي جوابدار کي گرفتار ڪرڻو آهي. گرفتاري ڪانپوءِ دستاويز هٿ ڪرڻا آهن. جوابدار جي وڪيل چيو ته اسان کي ڪو به اعتراض ناهي. واقعي جي جاچ ٿيڻ گهرجي. جوابدار وٽ شاپنگ مال تي به قبضو ناهي. عدالت پڇاڻو ڪيو ته جوابدار وٽ جڳهه تي قبضو آهي يا نه؟ پبلڪ پراسيڪيوٽر چيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ته سڀ ڪجهه ثابت ٿي ويندو. عدالت جوابدارن کان پڇاڻو ڪيو ته توهان تي تشدد ته ڪيو ويو؟ جوابدار چيو ته نه اسان تي تشدد ناهي ڪيو ويو. اسان جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا آهن. عدالت جاچ آفيسر کي شفاف نموني جاچ ڪرڻ جي هدايت ڪندي ٻڌڻي 9 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 16

جا ٻار جيڪڏهن سياست ۾ دلچسپي وٺن ٿا ته ان ۾ تعجب جي ڪهڙي ڳالهه آهي. جڏهن هڪ ڊاڪٽر جو پٽ ڊاڪٽر ۽ هڪ انجنيئر جو پٽ انجنيئر بڻجي سگهي ٿو ته سياستدان جو پٽ سياست ۾ چو نٿو حصو وٺي سگهي. اسان کي صرف ٽڪيٽ جاري ڪرڻي آهي. ڪٿي جو فيصلو ته تڪ جي عوام کي ڪرڻو آهي. اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي جي پارٽي سان ناراضگي بابت سوال تي مسلم ليگ(ن) پنجاب جي صدر چيو ته شاهد خاقان عباسي ڪڏهن به ناراضگي جو اظهار نه ڪيو البت بطور سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ انهن جو موقف آهي ته انهن کي چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ گهرجي. پارٽي شاهد خاقان عباسي کي ڪنهن معاملي ۾ پوئتي نه رکيو هڪ سوال جي جواب ۾ راڻا ثناءالله چيو ته نوازشريف جون 2 اپيلون ٻڌڻي هيٺ هيون. هڪ ۾ ضمانت ٿي چڪي آهي جڏهن ته ٻئي اپيل جي تاريخ به ٻڌڻي جي لاءِ مقرر آهي. ان ۾ به هڪ ڪان ٻه ڏينهن لڳندا. راڻا ثناءالله چيو ته ان اپيل ۾ نوازشريف کي مليل سزا هڪ مذاق آهي. سزا ڏيندڙ جج باقاعده ڳهراڇي معافي گهري ۽ چيو ته مان تمام گهڻو دٻاءُ ۾ هئس ۽ پوءِ ساڳئي بنياد تي جج مرحوم ملڪ ارشد کي به عهدي تان هٽايو ويو پر اها سزا بحال رکي وئي. (ن) ليگ اڳواڻ چيو ته اها سزا ختم ٿيڻ کان پوءِ نوازشريف پوري طرح سان چونڊ وڙهڻ جي اهل ٿيندو ۽ ڪاميابي جي صورت ۾ ملڪ کي بحران مان ڪڍڻ لاءِ چوٿون ڀيرو وزيراعظم جو به حلف کڻندو.

بقايا 17

ايڊووڪيٽ ميان دائود ذريعي سپريم ڪورٽ ۾ آئيني درخواست داخل ڪئي جنهن ۾ وفاقي حڪومت ۽ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي سيڪريٽري کي ڌر بڻايو ويو آهي جڏهن ته درخواست سان گڏ اڳوڻي سي سي پي او غلام محمد ڊوگر جي ڪيس جي آرڊر شيٽ به لڳائي وئي آهي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته جسٽس اعجاز کي جسٽس مظاهر جي خلاف شڪايت ٻڌندڙ ڪائونسل کان ڌار هجڻ گهرجي. ان جي جڳهه ڪنهن ٻئي سينئر جج کي سپريم جوڊيشل ڪائونسل جو حصو بنايو وڃي، درخواست ۾ چيو ويو آهي ته جسٽس مظاهر جي خلاف ڪرپشن ۽ مس ڪنڊڪٽ جو ريفرنس جوڊشل ڪونسل ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. جوڊيشل ڪونسل جسٽس مظاهر کي ٻيون شوڪاز جاري ڪري چڪي آهي. شوڪاز ۾ جسٽس مظاهر نقوي کان 3 آڊيو ليڪس جي باري ۾ سوال ڪيو ويو آهي. ٽئي آڊيو ليڪس ڪيس جي فڪسنگ ۽ غلام محمود ڊوگر ڪيس بابت آهن. جسٽس اعجاز ان بينچ جو حصو هو جنهن غلام محمود ڊوگر ڪيس ٻڌو ان لاءِ قانوني ۽ اصولي طور تي غلام محمود ڊوگر جو ڪيس ٻڌندڙ ڪوبه جج جوڊيشل ڪونسل جو ميمبر نٿو رهي سگهي. درخواست وڌيڪ چيو ويو آهي ته جسٽس اعجازالاحسن جو سپريم جوڊيشل ڪونسل ۾ ميمبر رهڻ آئين جي آرٽيڪل 10 اي ۽ 9 جي خلاف آهي. جسٽس اعجاز جو جوڊيشل ڪونسل جو حصو رهڻ مفادن جي ٽڪراءُ ۽ شفافيت جي اصول خلاف آهي. شڪايت ڪندڙ ۽ عوام جو اهو تاثر آهي ته جسٽس اعجاز ڪائونسل ۾ انصاف جون گهرجون پوريون نه ڪري سگهندو.

بقايا 18

جنرل ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن سنڌ اورنگزيب پنهور ٻڌايو ته نومبر تائين مجموعي طور تي 58912.732 ملين رپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو. موٽر گاڏين جي ٽيڪس جي مد ۾ 3827.509 ملين روپيا، انفراسٽرڪچر سيس مد ۾ 51615.081 ملين روپيا، پروفيشنل ٽيڪس جي مد ۾ 351.982 ملين رپيا جڏهن ته ڪاٽن فيس جي مد ۾ 64.216 ملين روپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو. اورنگزيب پنهور ٻڌايو ته انٽرٽينمينٽ ڊيوٽي جي مد ۾ 29.151 ملين روپيا ٽيڪس جڏهن ته باقي رقم ٻين ٽيڪسن جي مد ۾ وصول ڪئي وئي.

بقايا 19

توهين اليڪشن ڪميشن جي ڪيس ۾ ٽرائيل بابت محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ فواد چوڌري جو ٽرائيل اڊيالا جيل ۾ ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. اليڪشن ڪميشن موجب تحريڪ انصاف جي باني چيئرمين ۽ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي خلاف توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس جي ٻڌڻي 13 ڊسمبر تي اڊيالا جيل ۾ ٿيندي. اليڪشن ڪميشن گهرو وزارت کي 2 ڏينهن ۾ قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

بقايا 20

جو ساهيڙين سان گڏ پڙهائي ڪري رهي هئي ته دل جو دورو پيس. ذريعن موجب اطلاع ملڻ باوجود انتظاميا ايمبولينس نه ڏني، سنيها کي رڪشا ۾ ڀرين سول اسپتال پهچايو، اين آءِ سي وي ڊي منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرز سندس فوتگي جي تصديق ڪئي. وارثن موجب سنيها امتحان جي تياري ڪري رهي هئي. شام جو ڪيس اوچتو دل جو دورو پيو. ڌرڪي جي رهواسڻ سنيها جي اڄ سالگرهه هئي. واقعي تي ميڊيڪل ڪاليج ۾ سوڳ جي لهر پکڙجي وئي آهي

بقايا 21

هاءِ ڪورٽ جي جسٽس وقار احمد 33 صفحن تي ٻڌل فيصلو جاري ڪيو جنهن ۾ لکيو ويو آهي ته پاڪستاني شهرين سان شادي ڪندڙ افغان پناهگيرن لاءِ رولز ۾ ترميم ڪرڻ گهرجي ۽ پاڪستان اوريجن ڪارڊ لاءِ سمورين درخواستون جزوي طور تي منظور ڪيون وڃن ٿيون. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته درخواستگذار پي او سي لاءِ لاڳاپيل فورم ۾ طريقي ڪار تحت درخواستون ڏنيون. افغان پناهگير چئن ڏهاڪن کان هتي رهي رهيا آهن. افغان پناهگيرن جي پي او سي لاءِ پاسپورٽ ۽ سڃاڻپ ڪارڊ لازمي قرار نه ڏنو وڃي. لکت فيصلي موجب عام حالتن ۾ پاسپورٽ ۽ سڃاڻپ ڪارڊ وٺڻ آسان هوندو آهي. چئن ڏهاڪن کان افغان پناهگير هتي رهي رهيا آهن. انهن لاءِ هڪ ڏکيو مرحلو آهي. انهن افغان پناهگيرن کي ضروري دستاويزن ڪانپوءِ پي او سي ڪارڊ جاري ڪيا وڃن. نادرا کي اختيار آهي ته اها درخواستگذارن کان تفصيل ۽ ثبوت گهري ۽ شادي ڪندڙ جوڙي ۾ مرد يا عورت پاڪستاني هجي ته نڪاح رجسٽرڊ ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي. عدالتي فيصلي ۾ اهو به چيو ويو آهي ته پاڪستاني افغان جوڙي جي ٻارن جي رجسٽريشن ۾ غير ضروري رنڊڪ نه وڌي وڃي. نادرا ڪليئرنس ڪانپوءِ ڪارڊ جاري ڪنداسين. جڏهن ته ڪليئرنس نه ٿيڻ تي نادرا درخواست رد ڪري درخواستگذار کي لکت طور آگاهه ڪيو

بقايا 22

اٿارٽي گڏجي ڪم ڪنديون ته جيئن فوڊ هينڊلرن کي حفظان صحت جي شعبي ۾ تربيت ڏني وڃي. اهڙو فيصلو ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر اسٽيوٽا منور منيائي وچ ۾ ٿيل ملاقات ۾ ڪيو ويو ان حوالي سان ٻنهي ادارن وچ ۾ مفاهمت جي ياداشت تي صحيحون ڪيون وينديون. ان کان علاوه ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين پنهنجي ٽيم سان گڏ انڊس اسپتال جي ڪچن جو اوچتو دورو ڪيو. منصور علي عباسي جنرل مئنيجر ايڊمن ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي کي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم جي آخري دوري ڪانپوءِ ڪيل سڌارن بابت بريفنگ ڏني. آغا فخر حسين انڊس اسپتال جي انتظاميا جي ڪوشش کي ساراهيو ان موقعي تي ڊائريڪٽر سيڪيورٽي ڪرنل حبيب ميمڻ پڻ موجود هو اهو به فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ انڊس اسپتال گڏيل طور تي اسپتال جي ڪچين لاءِ معيار مقرر ڪندا. ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين ورلڊ فوڊ پروگرام پاڪستان جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ڪوڪو اوشياما ۽ صوبائي هيڊ محترمه سلميٰ يعقوب ۽ WFPUN اسلام آباد جي وفد سان پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ سنڌ سيڪريٽريٽ آفيس ۾ ملاقات ڪئي. هن وفد کي WFP اقوام متحده ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي وچ ۾ فوڊ فورٽيفڪيشن بابت آگاهي ڏني. مل فورٽيفڪيشن جي شروعاتي مرحلي ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي پاران محفوظ، صحت بخش، صفائي سٿرائي ۽ غذائيت تي مشتمل خوراڪ بابت کنيل قدمن بابت آگاهي ڏني.

بقايا 23

انهن جا تالا نه ٻڌائيندس. ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اعظم ڏامراهه چيو ته پيپلز پارٽي اليڪشن جي حوالي سان سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون آهن. پيپلزپارٽي جي مختلف ڊويزنن جا اجلاس به ٿيندا. هن چيو ته اڄڪلهه پيپلزپارٽي سڀ کان وڌيڪ سرگرم نظر اچي رهي آهي. ٻيون پارٽيون اتحادن کي ڳولي رهيون آهن ۽ روهڙيءَ جا جشن ملهائي رهيون آهن. ڪجهه ماڻهو تڪ بندين کي بهانو بڻائي اليڪشن کان ڀڄڻ جي تياري ڪري رهيا آهن. ڏامراهه جو چوڻ آهي ته شهري علائقن جا باشعور ماڻهو سمجهي ويا آهن. پنهنجي ناڪامي لڪائڻ لاءِ پيپلز پارٽي تي الزام نه لڳايو. جيڪڏهن ڪو ڪنهن جي چوڻ تي سياست ڪندو ته ان جي اجازت نه ڏينداسين. پ پ اڳواڻ چيو ته بشير ميمڻ صاحب، توهان هاڻي اندا آهيو. گاڏي ڏسو ۽ ڊرائيو ڪريو اسان جي قيادت جي ڳالهه ڪنداسين ته مريم نواز ۽ نواز شريف جي ڳالهه ڪنداسين. توهان دانيال عزيز، مفتاح اسماعيل ۽ ٻين کي سمجهايو ۽ پوءِ ڳالهايو. هن جو اهو به چوڻ آهي ته چونڊن لاءِ ماحول نه ٺهيو پر چونڊن جو شيڊول نه آيو آهي. ان ڪري ڪيس عدالتن ۾ وڃي سگهن ٿا.

بقايا 24

شاهه اڄ تعليم واري نگران صوبائي وزير محترمه رعنا حسين سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي صوبي جي تعليمي ادارن جي ڪارڪردگي ۽ انهن کي بهتر بڻائڻ جي حوالي سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 25

به جاني نقصان نه ٿيو ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي فاطمه ڦرڙو جي پيءُ نديم ڦرڙو ٻڌايو ته ڪين ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون وينديون هيون اڄ نامعلوم هٿيار بندن ڳوٺ جي ٻن طرفن کان ڳوٺ تي حملو ڪيو ۽ فائرنگ ڪئي پر ڳوٺائن همٿ ڪري فائرنگ ڪندڙن کي ڀڄائي ڇڏيو هن وڌيڪ چيو ته اسان ڏچڻ وارا نه آهيون فاطمه جي قاتلن سان ڪا سوديبازي نه ڪنداسين هن گهر ڪئي ته پوليس جو پهرو لڳائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻئي پاسي رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او خانواهڻ ٻڌايو ته ڳوٺ تي فائرنگ ٿيڻ جي اطلاع تي اتي پهتاسين ته فائرنگ جو سلسلو بند ٿي ويو هو هن وڌيڪ چيو ته جاچ ڪئي پئي وڃي فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو ٻئي پاسي ڳوٺ علي محمد ڦرڙو ۾ فائرنگ واري واقعي کانپوءِ سخت خوف ۽ هراس ڇانئجي ويو آهي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل ٿي نه سگهيو هيو نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي.

بقايا 26

موجب جوابدار جعلي سفري دستاويز جي تياري ۾ ملوث هو جنهن ڪيترن ئي شهرين کي اٽلي جا جعلي ريزيڊنٽ ڪارڊ ناهي ڏنا. جوابدار جعلي ريزيڊنٽ ڪارڊ عيوض لکين رپيا وصول ڪندو هو. ايف آءِ اي ترجمان چيو ته جوابدار ذوالفقار علي کي محدود آباد مان گرفتار ڪيو ويو، هو اٽلي ۾ رهندو هو ۽ هن رقم پنهنجي بئنڪ اڪائونٽ ۾ ٽرانسفر ڪرائي. اختياري چيو ته جوابدار ڪيترن ئي شهرين سان ويزا جي نالي فراڊ ڪيو. ڪيس گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي آهي. جڏهن ته جعلي دستاويزن جي تياري ۾ ملوث ٻين جوابدارن جي ڄاڻ به حاصل ڪئي پئي وڃي.

بقايا 27

ملڪ ۾ 8 فيبروري تي عام چونڊن جي اعلان کانپوءِ سياسي جماعتن طرفان تياريون جاري آهن. اهڙي صورتحال ۾ پ پ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل نيئر بخاري جو اهم بيان سامهون آيو آهي. نيئر بخاري چيو آهي ته پ پ هر تڪ مان پنهنجو اميدوار فائنل ڪري ورتو آهي. ايندڙ عام چونڊن ۾ پ پ پارليامينٽ ۾ اڪثريتي جماعت ۽ بلاول ڀٽو وزيراعظم هوندو. هن چيو ته پ پ خلاف اقتدار جي بکين جو غير فطري اتحاد ٺهڻ ڳالهه ناهي، اسان عوام جي طاقت تي يقين رکون ٿا.

بقايا 28

بيورو جي چيئرپرسن ساره احمد حوالي ڪيو ويو. صحتياب ٿيڻ ڪانپوءِ اڄ پهريون ڀيرو نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي رضوانه چيو ته مان تمام گهڻي خوش آهيان، سيني منهنجو خيال رکيو آهي، اڳ منهنجي حالت ٺيڪ نه هئي، ڊاڪٽرن ۽ نرسن منهنجو خيال رکيو. رضوانه چيو ته الله مون کي ٻي زندگي ڏني آهي. مون کي پڙهڻ جو شوق آهي. مان ٻارن جي حفاظت ۾ پڙهڻ سکندس. منهنجي وڏي ڀيڻ سونيا به مون سان گڏ رهندي. چائلڊ پروٽيڪشن بيورو جي چيئرپرسن ساره احمد به رضوانه سان جنرل اسپتال ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي رضوانه کي ساره احمد حوالي ڪيو ويو.

بقايا 29

وزيراعظم ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي بي ۽ سندس پيئرن وچ ۾ اختلافن بابت مبينه آڊيو سامهون آئي هئي. جنهن ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جو وڪيل لطيف کوسا ۽ بشريٰ بي بي پي ٽي آءِ چيئرمين جي پيئرن سان پنهنجن اختلافن جو کليل طريقي سان اظهار ڪري رهيا هئا. جنهن کان پوءِ عمران خان جي وڪيل لطيف کوسا پنهنجي ۽ بشريٰ بي بي جي سامهون ايندڙ آڊيو جي تصديق ڪري ڇڏي هئي. ذريعن موجب بشريٰ بي بي وڪيل لطيف کوسي سان آڊيو ڪال رڪارڊ ۽ ليڪ ڪرڻ خلاف عدالت ۾ درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته بشريٰ بي بي اڳوڻي وزيراعظم جي گهر واري ۽ لطيف کوسو سندس وڪيل آهي. ٻنهي جي آڊيو ڪال کي رڪارڊ ڪري پبلڪ ڪيو ويو جنهن کان پوءِ ان کي ميڊيا تي توڙي مروڙي پيش ڪيو ويو. داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته سيڪريٽري، وزيراعظم، دفاع، گهرو وزارت چئي چڪا آهن ته ڪنهن به ايجنسي کي ڳجهي رڪارڊنگ جي اجازت ناهي. هڪ وڪيل ۽ موڪل وچ ۾ ڳالهين کي پبلڪ ڪرڻ سان قانوني نظام درهم برهم ٿي ويندو. درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته عدالت ادارن ۽ ايجنسين کي فون ڪال رڪارڊ ڪرڻ ۽ پبلڪ ڪرڻ کان روڪي، جڏهن ته ادارن ۽ ايجنسين کي سمورا جاسوسي اوزار هٽائڻ جا به حڪم جاري ڪري.

بقايا 30

ويجهو ڪاروائي ڪئي جتان مبينا دهشتگرد سجاد ملاح کي گرفتار ڪيو ويو. اختيارين موجب، جوابدار هاءِ ٽرانسميشن لائين کي بم سان اڏائڻ چاهيندا هئا. جوابدار سجاد ملاح قاضي احمد بينظير آباد جو رهواسي آهي جيڪو هاءِ ٽرانسميشن لائينز ۽ قاسم آباد ريلوي ٽريڪ تي بم ڌماڪن جي ڪيس ۾ گهربل هو جڏهن ته ٻه جوابدار ڌماڪيدار مادو ڪٺي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جوابدارن جو تعلق سنڌ لبريشن آرمي سان آهي.

بقايا 31

اميد جو اظهار ڪيو ته ايندڙ عام چونڊون آزاداڻيون ٿينديون. اسان چونڊون منعقد ڪرڻ جي لاءِ اليڪشن ڪميشن سان گڏ آهيون. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ نگران وزيراعظم چيو ته ماڻهو مختلف سياسي تجزيا پيش ڪندا رهندا آهن. ڪنهن اڳواڻ جي مقبوليت ڪيتري آهي ان جو اندازو عام چونڊن ۾ ٿي ويندو. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ ان جي پارٽي جي چونڊن ۾ حصو وٺڻ تي پابندي جي حوالي سان سوال جي جواب ۾ نگران وزيراعظم چيو ته اڃا تائين ان تي ڪا پابندي نه آهي. مستقبل ۾ ڪهڙي صورتحال هوندي ان بابت هو هينئر ڪجهه نٿو چئي سگهي. في الحال اڳوڻو وزيراعظم چونڊون وڙهڻ جي پوزيشن ۾ آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻن جي مبينا گمشدگين، منظرعام تي اچڻ ۽ سياست ڇڏڻ جي اعلانن جي حوالي سان سوال جي جواب ۾ نگران وزيراعظم چيو ته 9 مئي تي رياستي ادارن تي حملا ٿيا جنهن کانپوءِ ڪيترائي ماڻهو روپوش ٿي ويا. ان روپوشي دوران ڪنهن غور فڪر جي نتيجي ۾ پي ٽي آئي يا سياست ڇڏي ڏيڻ، انهن ماڻهن جو ذاتي فيصلو آهي. ان بابت هو ڪجهه چوڻ کان قاصر آهي جڏهن ته هن واضح ڪيو ته انهن سان رياستي ڏاڍ جو ڪو ثبوت سامهون ناهي آيو نه ئي ڪنهن رياستي ڏاڍ جي ڳالهه ڪئي، اهو رڳو الزامن جي حد تائين آهي. نگران وزيراعظم ليول پليئنگ فيلڊ نه هجڻ جي الزامن کي به رد ڪيو نگران وزيراعظم نگران حڪومت جي قومي معيشت کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته نگران حڪومت وٽ هڪ محدود مينڊيٽ آهي ۽ ان ۾ رهندي هو جيڪو ڪم ڪري سگهندا، ڪندا، باقي ڪم ايندڙ حڪومت جي لاءِ ڇڏي ويندا. پي آئي اي جي نجڪاري جي پٺيان مخصوص عنصرن جي هجڻ بابت سوال تي نگران وزيراعظم چيو ته اهي سازشي مفروضا آهن جن جي ڪري ملڪ هن حالت تائين پهتو آهي. نجڪاري جي لاءِ ماهر صلاحڪار مقرر ٿيو آهي ۽ بهترين طريقيڪار اختيار ڪيو پيو وڃي جنهن جي 50 سالن ڪانپوءِ به آڊٽ ٿي سگهندي. نگران وزيراعظم پنهنجي ان راءِ جو اظهار ڪيو ته حڪومتون ڪاروبار ناهن هلائينديون.

بقايا 32

وزير لياقت جتوئي چيو آهي ته مان ايندڙ عام چونڊن ۾ پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي حصو نه وٺندس. هن چيو ته پير پاڳاري ۽ ارباب غلام رحيم سان رابطي ۾ آهيان. ارباب غلام رحيم سان پراڻا لاڳاپا آهن. ٻئي طرف ذريعن وٽان وڌيڪ خبر پئي آهي ته لياقت جتوئي پي ٽي آءِ ڇڏي جي ڊي اي ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب 9 ڊسمبر تي دادو ۾ جي ڊي اي پاران ڪوٺايل جلسي ۾ لياقت جتوئي جي ڊي اي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪندو. سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير لياقت جتوئي پاران اهڙي فيصلي کان پوءِ هيٺو جتوئي ۾ هم خيال دوستن جو اهم اجلاس پڻ سڏائي ورتو آهي. جنهن ۾ مختلف معاملن تي غور ويچار ڪيو ويندو. هوڏانهن سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر مظفر علي شجره به (ن) ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌ ڪابينه جو ميمبر رهندڙ مظفر علي شجره پاڪستان مسلم ليگ(ن) سنڌ جي صدر بشير ميمڻ سان ملاقات ڪئي جنهن کان پوءِ هن نوازشريف جي قيادت تي ڀروسي جو اظهار ڪندي باقاعده پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي. ان موقعي تي بشير ميمڻ چيو ته مظفر علي شجره جي پارٽي ۾ شموليت جي آجيان ڪريون ٿا.

بقايا 33

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق درخواست رد ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن 21 آڪٽوبر 2022 تي پي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين عمران خان کي قومي اسيمبلي جي ميمبر طور نااهل قرار ڏيڻ جو فيصلو ٻڌايو هو پي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين عمران خان فيصلي جي خلاف 28 آڪٽوبر 2022 تي هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو هو. عمران خان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ معاملو ٻڌڻي هيٺ هجڻ سبب اپيل واپس وٺڻ جي درخواست داخل ڪئي هئي، پي ٽي آءِ جي باني چيئرمين 18 جنوري 2023 تي اپيل واپس وٺڻ جي درخواست داخل ڪئي هئي. ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ عدالت 13 سيپٽمبر 2023 تي فيصلو محفوظ ڪيو هو جيڪو اڄ ٻڌايو ويو آهي.

بقايا 34

جنرل ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن سنڌ اورنگزيب پنهور ٻڌايو ته نومبر تائين مجموعي طور تي 58912.732 ملين رپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو. موٽر گاڏين جي ٽيڪس جي مد ۾ 3827.509 ملين روپيا، انفراسٽرڪچر سيس مد ۾ 51615.081 ملين روپيا، پروفيشنل ٽيڪس جي مد ۾ 351.982 ملين رپيا جڏهن ته ڪاٽن فيس جي مد ۾ 64.216 ملين روپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو. اورنگزيب پنهور ٻڌايو ته انٽرٽينمينٽ ڊيوٽي جي مد ۾ 29.151 ملين روپيا ٽيڪس جڏهن ته باقي رقم ٻين ٽيڪسن جي مد ۾ وصول ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 01

شاگردن کي ڌرڻو ختم ڪرايو . شاگردن پاران مطالبو ڀورو نه ٿيڻ تي ٻيهر ڌرڻي جو چتاءُ تفصيل موجب ٽنڊو ۾ هائير سيڪينڊري اسڪول ٽنڊو جي سوين شاگردن اسڪول بلڊنگ جي مرمت نه ٿيڻ ۽ روڊ چاهر ڪرڻ سبب ٽرڪول روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جنهن سبب ملي ۽ بدين ڪان ايندڙ سمورين گاڏين بيهي رهيون . انهي موقعي تي ڌرڻي جي اڳواڻي ڪندڙ شاگردن اساما بليدي . عبدالغفار ڪتي . گوهر خواجه ۽ ٻين ڪاوش سان ڳالهائيندي چيو ته هائير سيڪينڊري اسڪول ۾ 1800 ڪان مٿي شاگرد تعليم پرائي رهيا آهن پر اسڪول جي بلڊنگ جي حالت خرقب هئڻ سبب شاگردن توڙهي استادن جي زندگي کي خطرو آهي هنن وڌيڪ چيو ته گذريل سال به اسڪول ۾ هلندڙ ڪلاس دوران ڪمري جا ڇاڄ ڪري پيا جنهن سبب ست شاگردن سخت زخمي ٿي پيا هئا هنن وڌيڪ چيو ته ڊپٽي ڪمشنر بدين جي اسڪول وزٽ دوران به اسان اهو مطالبو رکيو هيو جنهن تي ڊي سي بدين واعدو ڪيو هو ته اسڪول جي بلڊنگ لاءِ ڪوشش ڪندس هوڏانهن 3 ڪلاڪ مسلسل ڌرڻي بعد ايس ايچ او ڪرسڪي هائير سيڪينڊري اسڪول ٽنڊو تي پهچي پرنسيپال ۽ ٻين سان ڳالهين ڪيون جنهن بعد اسڪرڪ جي ايف اي سان ايس ايچ او ڪرسڪي شاگردن کي ڌرڻو ختم ڪرايو

بقايا سنڌيار 02

عوامي تحريڪ ۽ پنون ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ پاران ٻيلن جي قتل عام خلاف سخت احتجاج. فوري طور تي ٻيلن جي نسل ڪشي وارو عمل روڪي ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو. رپورٽ موجب پنون فاريسٽ رينج جا ٻيلا ڪڏي. مولچند. جراڙ ۽ فتح پور ٻيلي کاتي جي راشي اهلڪارن لاءِ سوني جهرڪي بنجي ويا آهن. مختلف ڪڏي. مولچند. جراڙ. فتح پور. مولچند پڪو ۽ ٻين ٻيلن مان روزانو لکين روپين جو عمارتي ڪاٺ وڍجي ٽريڪٽر ٽرالين ۾ ڀرجي وڪرو ٿيڻ لڳو آهي. ان سلسلي ۾ پنون جي ٻيلن مان وڻن جي غيرقانوني واڍي خلاف عوامي تحريڪ ۽ پنون ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ غني جوش پليجو. نور محمد سومرو. شمشير جنگ پليجو. سليم سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مختلف سياسي سماجي ڌرين بند چوڪ تي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت احتجاج ڪيو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سڄي سنڌ ۾ قدرتي سونهن ۽ گهاٽن ٻيلن سان مالا مال ڪربين روپين جي ماليت وارا پنون جا مشهور ٻيلا هن وقت پنهنجي منطقي تباهي طرف وڌي رهيا آهن. هن چيو ته پنون فاريسٽ کاتي جي راشي عملي ڏوهاري ماڻهن کي ٻيلن اندر آباد ڪيو آهي. جيڪي سرڪاري زمينن تي قبضن سان گڏوگڏ وڻن جي نسل ڪشي ڪري رهيا آهن. هنن چيو ته پنون جي ٻيلي کاتي اهلڪارن ٻيلن اندر ڪاٺ جي مختلف واپارين ۽ آرامشينن وارن کي ڪاٺ جي واڍي جا ٺيڪا ڏئي ڇڏيا آهن. جيڪي سري عام ناياب وڻن کي وڍي هڪ طرف جيٺرا وڻ ٽريڪٽر ٽرالن ۾ ڀري وڪرو ڪن پيا. ته ٻئي طرف ٻيلن اندر ڪوئيلي جون ڀٺيون پڻ قائم ڪيون ويون آهن. هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي ٻيلن جي نسل ڪشي وارو عمل روڪي ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 03

هارين کي خصوصي طور گهرائي آگاهي سيشن ڏنو ويو جڏهن ته محفل موسيقي جي نشست پڻ رکي وئي جنهن ۾ نئون ديرو جي سينيئر فنڪار غلام قادر شيخ جذباتي ڪلام ڳائي محفل ۾ شريڪ ماڻهن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ڪتابي ميلي جي ٻئي ڏينهن چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي عبدالخالق پتو ب پ اڳواڻ دليپ ڪمار ڪائونسلر ڪاشان قاضي. عبدالرحمان سپڙو. سڪندر لاشاري. توحيد ڪلهوڙو. امجد چانڊيو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا جن ڪتابي ميلي ۾ ڪتابن جا اسٽال گهمي رعايتي اگهن تي ڪتابن جي خريداري ڪرڻ سان گڏ راڳ رنگ جي محفل مان لطف اندوز ٿيا. جتي ڳالهائيندي هنن چيو ته هو ڪتابن جو مطالعو ضروري آهي ڇاڪاڻ ته ڪتاب اڪيلاپ جو بهترين ساٿي آهي جيڪو اوهان کي ڀرپور ڄاڻ فراهم ڪري ٿو ڪتاب پڙهڻ سان سڄاڳي پيدا ٿئي ٿي هن قسم جا ڪتابي ميلا لڳائڻ سان نوجوانن ۾ ڪتابن کي خريد ڪري انهن جو مطالعو ڪرڻ جو رجحان پيدا ٿئي ٿو ڪتابي ميلي جي آرگنائيزرن خالد ڪوري. فياض ابڙو. ارشاد ميراڻي. غلام علي پتوءِ ٻين جو چوڻ هو ته اسان هي انو پيرو ڪتابي ميلو لڳرايو آهي ۽ هر پيري اسان کي نئون ديرو مان ڀرپور موٽ ملندي آهي ڇاڪاڻ ته نئون ديرو علم. ادب. سياست ۽ شعور وند ماڻهن جو شهر آهي. هن پيري ڪتابي ميلي کي اسان ٿورو منفرد بڻائڻ لاءِ هن ۾ مختلف سيشن شامل ڪياسين جنهن ۾ هاري. مزدور سان ملاقاتون ۽ انهن کي سڄاڳي ڏيڻ لاءِ سيشن ڪرايو ويو جنهن بعد راڳ رنگ جي محفل سجائي جنهن ۾ نئون ديرو جي ناليواري فنڪار غلام قادر شيخ فن جو مظاهرو ڪري ڪتابي ميلي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ڪتابي ميلي ۾ رکيل تاريخ. ادب. شاعري. ناول. ڪهاڻي. ٻارن جا ڪتاب. سائنس. سوشل اسٽڊيز. جاگرافي ۽ ٻين سبجيڪٽن سان متعلق ڪتاب پڻ رکيا ويا. ڪتابي ۾ ميلي ۾ شاگردن جي وڏي انگ ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ شرڪت ڪئي جتي هنن 50 سيڪڙو رعايت سان ڪتاب خريد ڪيا.

بقايا سنڌيار 04

اسڪول جي شاگردن ۽ استادن پاران خوشي ۽ سرهائي جو اظهار ڪيو ويو. اسڪول جي استادن ۽ شاگردن پاران ڪتابن جي اسٽال تان ڪيترائي مختلف ڪتاب خريد ڪيا. فياض علي اعوان اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نيشنل بڪ فائونڊيشن سکر پاران ڪتابي ميلي ۾ اسڪول انتظاميه پاران مثالي سهڪار ڪرڻ تي ٿورا مڃيندي واکاڻ ڪئي. سيد صفدر علي شاهه ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري ايجوڪيشن ضلعه سکر پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ڪتابي ميلو هڪ صحتمند سرگرمي آهي. ڪتاب صحتمند ذهنن جي واڌ ويجهه ۽ اوسر جو مؤثر ذريعو آهن. ٻارن ۾ درسي ڪتابن کان علاوه اضافي ڪتابن جو مطالعو به بيحد اهم ۽ ضروري آهي. اسڪول جي سينيئر هيڊ ماستر محمد حسن ٻرڙو ڪتابن جي ميلي تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته ڪتابي ميلي سان ڊبل سيڪشن هاءِ اسڪول جي اڱڻ تي چار چنڊ لڳي ويا آهن . پاڻ نيشنل بڪ فائونڊيشن جي ڪاوشن جي تعريف ڪئي، سينيئر استاد مشتاق علي لنڊ چيو ته جڏهن گلن جهڙا ٻارڙا ڪتابن ڏسڻ ۽ ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ بيهن ٿا ته اهي لمحا انڌلني آسمان وانگر خوبصورت منظر پيش ڪندا آهن. هن خوبصورت ۽ دلڪش ڪتابي ميلي ۾ فرسٽ اسسٽنٽ ظهير احمد ابڙو، استادن ۾ شاهنواز سومرو ، اشفاق احمد مهر، اشفاق حسين ميمڻ، شجاعت علي خان گل ، مجتبيٰ حسن سومرو، عبد الله زبير انصاري، وقار اسميع سومرو، فهيم احمد قريشي، ثناءالله انصاري، محمد علي قاسمي، شعيب احمد سومرو، ڪاشف علي ڌهر نديم حسين ڌهر، غلام الله جمالي ۽ ٻين ڪتابي ميلي ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪتاب خريد ڪيا.

بقايا سنڌيار 05

تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين ۽ والدين استادن ثقافتي لباس پهري رونق جا موتي پکيڙي ڇڏيا جڏهن ته ٽيبلوز، تقريرن ۾ شاندار لفظن جي پيتا پيش ڪئي وئي، ۽ قومي گيتن تي جهمريون هڻي پنهنجي ثقافت جو اظهار ڪيو انهي موقعي تي اسڪول جي آپريٽر ممتاز ڪنڀار ۽ هيڊ ٽيچر علي رضا آريسر ۽ ٻيا استاد سرفراز آرائين فرحان سهتو شهزاد آرائين ياسر جت ۽ ٻين استادن خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ثقافت قديمي ثقافت آهي جنهن سان اسان کي گهڻو پيار آهي ۽ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ سنڌين جا شان ۽ مان آهي ۽ سنڌ هميشا روايتن جي امين رهي آهي سنڌ جي ثقافت ڏيهان ڏيهه مشهور آهي سنڌ واسي جتي به هجن سنڌن سڃاڻپ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ ۽ قومي لباس سان ٿئي ٿي سنڌي اجرڪ ۽ ٽوپي اڄ ۾ هر هنڌ مشهور آهي جڏهن ته پروگرام جي آخر ۾ استاد ۽ شاگردن سنڌي گاني هوجمالو تي رقص پڻ ڪيو

بقايا سنڌيار 06

